رڻ جا رنگ

(ناول)



ڪلاڌر مُتوا

محترمہ حملا صاحبہ

کیلیے سے پیار سوغات

17/2/05

رڻ جا رنگ

(ناول)

ليکڪ : ڪلاڌر متوا

...ہ ٻول

...ديارتي جيون کان ئي ذهن ادب طرف مائل هو. پر ڇا ڪجي - ٻنيءَ جھڙي ...وراهين - پڇڙيل علائقي ۾ ادبي ڪتاب ڪٿان ملن جو واندڪائي ۾ ويهي ...ڙهجن ۽ پنھنجو حال انهن سان اورجي.

...يڪنڊري اسڪول ۾ پهچندي پانيہ پستڪن ۾ ڪي ڪهاڻيون گجراتي، ۽ ...نديءَ ۾ پڙهڻ لائي مليون. ڏاڍو مزو ايندو هو. ائين مئٽرڪ پاس ڪرڻ ...ئين نہ اهڙو ادبي ماحول مليو نہ ڪو ادبي ذوق رکندڙ استاد، جو مونکي ڪا ...هہ ڏسي. مئٽرڪ بعد غربت جي ڪري پڙهائي ڇڏائجي ويئي ۽ خانگي ...سڪول ۾ ان ٽرئنڊ ٽيچر طور پڙهائڻ شروع ڪيم - هاڻي ڪجھہ شعور بہ ...جي ويو هو. جڏهن بہ شهر ويندو هوس تہ ڪا نہ ڪا مخزن وٺي ايندو هوس، ...ئين ٿورو گھڻو مطالعو ٿيندو رهيو. پهرين گجراتي ۽ ڪڇي ٻوليءَ ۾ لکڻ ...ي شروعات ڪيم. ڪي رچنائون سنيون لکجي وئيون. ڪڇ جي لوڪل ...ٻارن ۾ ۽ مخزن ۾ ڇپجيون. خوشي ٿيندي هئي.

...ري زبان سنڌي هئڻ جي ڪري هميشا دل ۾ اهو خيال ستائيندو رهندو هو ...مونکي پنھنجي اباڻي ٻوليءَ ۾ لکڻ گهرجي ۽ ڏيري ڏيري سنڌيءَ ۾ لکڻ ... ڪوشش ڪيم. سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جو مطالعو نہ هئڻ جي ڪري سنڌيءَ ...لکڻ ۾ ڏاڍي مشڪل پئي پيش آئي. نہ ٻولي تي صحيح بيٺي نہ لپي. ...ي بہ همت نہ هاريس ۽ لکندو رهيس.

...نجو پهريون ڪهاڻي سنگرهہ ”موتيءَ داڻا“ پاٺڪن اڳيان رکيم تہ اميد ... وڌ آجيان ٿي. هر طرف کان داد مليو. تقريبن سڀني منهنجي ڪهاڻين ... واکاڻيو. مٿان وري انهي ڪهاڻي سنگرهہ جي لائي گجرات ساهتيہ ...ادميءَ جو ٻيون پرسڪار مليو تہ دل باغ باغ ٿي وئي ۽ حوصلي افزائي ٿي. ...نجي پهرينءَ ئي ڪهاڻي سنگرهہ کي انعام مليو اها ڳالهہ منهنجي ... تاريخي حيثيت رکي ٿي.

...ي هي ”رڻ جا رنگ“ ناول توهان ذهين پاٺڪن جي اڳيان رکندي خوشي ...رهي آهي. اهو توهان کي ڪيئن لڳندو اهو تہ مان نٿو چئي سگھان. اهو ...لو تہ توهان پڙهڻ کان بعد ئي ڏيئي سگھندا. مان تہ صرف توهان جي ...ائي ڪندڙ راين جو منتظر آهيان. شل هيءَ ڪاوش قبول پوي.

...گجرات جي گورو پرسڪار وجيتا - گجراتي ۽ سنڌيءَ جي سڄاڻ ليکڪ

RINA JA RANGA

(NOVEL)

BY : KALADHAR MUTWA

Year of Publication - **2002**

Price : **Rs. 20-00**

Published by :

KALADHAR MUTWA

MUQEEM NAEEM PUBLICATION

P.O. Ghorewali (Bani), Ta. Bhuj. Kutch 370510

Printed by : **VEE-KAY Graphics**

Below M.D. High School, Sahijpur Bogha, Ahmedabad-382345. (India)

Ph. : (079) 22844249

Published with the Financial help of Sindhi Sahitya Academi, Gujarat Rajya, Gandhinagar.

رڻ جا رنگ (ناول)

ليکڪ : ڪلاڌر متوا

سال : ٢٠٠٢

پرڪاشڪ : ڪلاڌر متوا

مقيم نعيم پبليڪيشن

پوسٽ : گهوريواري (ٻني) تعلقو: ڀڄ. ضلعو : ڪڇ-370510

ڇپيندڙ : وي. ڪي. گرافڪس

ايم. ڊي. هاءِ اسڪول جي هيٺان، سهجپور بوگها، احمدآباد-٤٥. (ڀارت)

گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي (گانڌينگر) جي مالي مدد سان ڇپايل

ارپيم

منهنجي جيجل منڙي ماءُ 'امان ٻائيءَ' کي جنهن نہ صرف منڙي ٻولي لوليءَ جي هندورن ۾ جهولايو- پر سنهيءَ سئي سان پرت پري پئسا ڪمائي منهنجي پڙهائي کي اڳتي وڌايو.

جڳ جڳ جيئندي رهي شل منهنجي مومل ماءُ.

ڪلاڌر مُتوا

محترم جينت ريلواڻي صاحب جن جو عميق دل سان احسانمند آهيان
پنهنجي مصروفيتن مان وقت ڪڍي هن نماڻيءَ ڪوشش لاءِ ''املهه
توريا'' جهڙا لفظ قرطاس تي پوئي ڏنا. واقعي هنن پنهنجي محاڳ
منهنجي ذهن جي يا منهنجي مقصد جي ترجماني ڪري ڇڏي آهي.
مان گجرات ساهتيه اڪادميءَ جو خاص طور جناب هوندراج بلواڻيءَ صا
جن جو تهه دل سان ٿورائتو آهيان جن مالي تعاون ڏئي وڌ ڪيو ۽ هي
ڇپائي جي سوڀيا ماڻي سگهيو آهي.
مان دادا لکمي کلاڻيءَ جو ٿورائتو آهيان جن هر وقت پنهنجي قيمتي صل
سان نوازيو آهي. وي. ڪي. گرافڪس وارن جو بہ شڪرگذار آهيان جن و
سر ڪتاب ڇپي ڏنو.
آخر ۾ پنهنجي منڙي مادر يومي ٻنيءَ جي خدمت ۾ نياز نوڙت پريا سا
عرض ڪيان جنهن جي ڪامڻگاري ڪلچر- سنڌي سوڀياوان سنسڪر
مان مونکي لکڻ جي لاءِ نت نوان ملندي رهي آهي ۽ منهنجو قلم هلڻ
لاءِ مجبور ٿيندو رهيو آهي.
جيئي سنڌي-جيئي ٻني !

- ڪلاڌر مُت

لکمي ڪلاڻيءَ کي ڇپير- پر هن توهان کي موڪلڻ لاءِ سجيسٽ ڪيو آهي.
مصيبت! لکميءَ ضرور پاڻ لکڻ کان ٽارڻ لاءِ اِها شرارت ڪئي آهي.
سوچيم، جواب ڏيئي ڇڏيندس-نه، مونکي مهاڳ لکڻ جو ڪو ڏانوَ ڪونهي.
نه مان مهاڳ لکندڙ ليکڪ آهيان ۽ نه ان جي قابل!
پر ٻئي ڏينهن تي ئي ڪڇي- گجراتي بزرگ ناليري ودوان ليکڪ بابوُلال
گوُر جو خط آيو ۽ اهو پڙهي ئي رهيو هيس ته فون مليو-ڪلاڌر توکي ناول
موڪليو آهي، چاهيان ٿو، اِن جو مهاڳ تون لک. ڪڇ جي ماحول کان تون
واقف آهين. ٣٠ جوُن جيئن ته پيچ ۾ رڻتيل پروگرام ۾ تون اچي رهيو آهين.
مهاڳ کڻندو اچج.
مان لاچار.
ڪلاڌر کي سمجهڻ لاءِ پهرين سندس ڪهاڻيون پڙهڻ چاهيون. ڪتابن
مان ڏنل مجموعو 'موتيءَ داڻا' ڳولهي لڌو.
مجموعو پڙهڻ بعد مونکي لڳو. هجي نه هجي 'پيرو' ڪهاڻيءَ جو رچناڪار
ضرور حي هوندو، جيتوڻيڪ اِها ڪهاڻي مجموعي ۾ عدم موجود هئي. ٻيو،
لکمي پاڻ ڇڏائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. پر هن هنن ڪهاڻين کي تز
طرح توري، عمدي مهاڳ سان، اسان کي نواڻ کي پچائڻ لاءِ آماده ڪيو
آهي. جيتوڻيڪ ڪهاڻي ڪلا جي خيال کان ڪهاڻين مونکي ايترو متاثر نه
ڪيو. ڪي ته محض هوائي اڏام، غير وهنوارڪ، فئنٽسي نما، اِنتها ئي
جذباتي لڳيون. پر ٻولي، وشيه جي نواڻ، پونءَ جي سرهاڻ، هيل تائين ڇڻ
ڇين دوز رهيا اسان کان. غير واقف ڪردارن جي اوچتي آمد! مونکي لڳو
ته ڪهاڻيڪار آهي. جنهن پوين پنجن ڏهاڪن کان هلندي ايندڙ اسان
جي ڪهاڻي روايت ۾، رخنو وجهي ڪا حقيقي تبديل آندي آهي. اسان جي
ڪهاڻيءَ کي وسيع ڪري، نه صرف نزديڪي آسپاس تائين پر دور افق تائين
ڪهاڻي ڦهلائڻ لاءِ اجاگر ڪيو آهي. لکميءَ جي اکرن ۾ ئي درج ڪرڻ بهتر
هوندو!
''اهو اسان سيني کي علم آهي ته سنڌي قوم جي ٻوليءَ ثقافت هزارن
سالن کان ڳوٺن ۾ ئي پلجندي رهي آهي. ڳوٺاڻن ئي انهيءَ کي ساه سان
سانڍي محفوظ رکيو آهي. ڀارت ۾ لڏي اچڻ ۽ شهرن ۾ ٽڙي پکڙي ويل اسان
جو سنڌين کي اهو ڌپ ويڙهي ويو آهي ته هاڻي اسان جي ٻولي ۽ ثقافت
پنجي زمين ۽ ڳوٺن جي غير موجودگيءَ ۾ گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪندي.

ڪڇ جي پهرئين سنڌي اديب
طرفان پهريون سنڌي انچلڪ ناو

ڳچ عرصو ٿيو. راجستان سنڌي اڪادميءَ رٿيل ڪهاڻي چٽاڀيٽيءَ
جاچنا لاءِ ٿوڪبند بنڊل مليو هو. عرصي کان پڙهجندڙ تقريبن سيئي سا
ڪهاڻيون- گهرو معاملا، وچولي طبقي جون سمسيائون، ڏيتي ليتي، ڏ
پريم، ٽٽندڙ رشتا، سوارٿ، پرشتاچار، ذهني ڪشمڪش، تاڙيون، جها
وغيره. پر ٻه ڪهاڻيون پڙهي مان مونجهاري ۾ پئجي ويو هيس-'سيد
۽ پيرو' سمجهه ۾ نه آيو ته، وڻ ٻڙ زمين کان وانجهايل نقلي ڳلن جي ڳ
۾ سنين آسمان تي واسو ڪندڙ سنڌين مان، اِهي ڪهاڻيون ڪنهن پ
سنڌي ليکڪ ڪيئن لکيون هونديون! ڳوناٺو ماحول، سنڌيت جو ڦهلاءُ. س
پيرو ڪچيندڙ ٻُڌا به هئا نه ڏنا به. اهڙي ڪنهن بزرگ ليکڪ سنڌ جي
ڏانوَ جو ڪردار ڪٿي- يادگيرن جي آڌار تي، ٻوليل ماحول ڪٿي، اِها ڪ
لکي هوندي؟ اگر اهڙي قسم جو ڪو سنڌي بزرگ ڪهاڻي ڪار آهي ته
تائين گمشده ڇو رهيو آهي؟ ڇا، اولهه راجستان يا ڪڇ جي رڻ ج
شخص هوندو، جنهن اِها رچنا لکي هوندي؟ اهڙو ڪو سنڌي ليکڪ ڌيان
ته نه آيو آهي! ته ڇا، ڪنهن غير سنڌي رچنا جو ترجمو ڪري پنهنجي
چڙهائي هوندي؟ مونجهاري گهيري ورتو. پر مونکي ته سامهون آيل ڇي
تڪ تور ڪرڻي هئي. سليس ڇيدي سنڌي ٻوليءَ جي سرهاڻ، وشيه جي
ڪردار جي اوسر ۽ ڪهاڻيءَ جي انچلڪ اٽت جي حساب سان، توڙي ڪ
ڪمزوريءَ جي باوجود، مون ٻنهي ڪهاڻين کي وڏ ۾ وڏ وزن ڏنو هو. پر
طور ڪهاڻي ''پيرو'' مان تي چانيل رهي ۽ ان سبب ان جو ليکڪ چاڻ
چاهنا ٻه.

گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ مارچ 2002 ۾ راجڪوٽ ۾ رکيل
پروگرام ۾، ٻين اديبن سان گڏ، ڪلاڌر مُتوا ٻه، ملبل انعام حاصل ڪر
هو. هن پنهنجين ڪهاڻين جو مجموعو ڏنو. ششتاچاري ملاقات ۽ و
ٿي.

جڏهن مهني ۾ اوچتو مونکي هڪ بنڊل مليو. هت اکري طويل ر
فائيل ۽ ڪلاڌر جو خط-چاهيان ٿو، منهنجي هن ناول جو توهان مها

پڇ مان موٽڻ بعد مون ناول جو دستخط پڙهيو. ڪهاڻي ته عام رواجي لڳي. ٻن جوان دلين جا پريم جا پيچ! ڳالهه ۾ سنهڙي هڪ ٻئي کي چاهين ٿا، پنهنجو گهر سنسار وسائڻ چاهين ٿا. پريم ڪهاڻين ۾ جيئن ٿيندو آهي. ڪي ڳهروءَ ڪي سماجڪ اڙچڻو درپيش اچن ٿيون. آخر سچو پيار رڪاوٽن تي جيت حاصل ڪري ٿو. پر توڙ تائين سسپينس، پڙهندڙن کي جڪڙي ٿو رکي.

پر هن ناول جي اِهي ڪتا ۽ ڪردار، ناول جو مکيه مرڪز نه آهن، صرف هٿيا آهن. ناول جو مکيه ڪردار ته آهي زمين، مرڪز به زمين! ليکڪ جي ڌرتي ماتا-وطن ٻني!

ڪلاڌر چوي ٿو: چئني طرفن کان رڻ، جنهن جي وچ ۾ ماءُ ٻني ڪنهن جزيري جيان لڳندي آهي. اِهو رڻ جي وچم مٺي زمين وارو پٽو، مهاساگر ۾ پيل موتيءَ جهڙو لڳندو آهي.

هتان جي ڌوڙ به هتي جي ماڻهن جيان ڪيڏي نه محبت پري آهي. ايندڙ مزمانن سان ڳلي لڳي وڃي ٿي. جنهن مٽيءَ ۾ هيڏي محبت سمايل هجي ته پوءِ اتي جي ماڻهن جي محبتن، مامتائن جو ته پڇڻو ئي ڇا؟

’ٻني ۾ شاه صاحب جي رسالي وارا بيت ته ماستر صاحب کي برزبان هئا. جهڙي جهڙي موسم ايندي هئي. تنهن واتاورڻ جي مطابق بيت پيا ڏيندا هئا.‘

’ممبئيءَ ۾ ته (يعني شهرن ۾) ماڻهو ئي ماڻهو هوندا آهن. ڪو ڪنهن کي پڇندو ئي ناهي. ماءُ پيءُ چاچا چاچيءَ جهڙا ته ڄڻ سنبنڌ ئي ناهن اتي. هتي ٻنيءَ ۾ ڳانيون به اهڙيون عقل واريون جو جنهن جو ٿي نالو ڏنارن ورتو. هوءَ هلي ٿي آئي. سيئي لائين سر. ڏاڍي سيپنا هئي ڳانين ۾ پي. عورتن جو سونهن ۾ ڪو ثاني ناهي. ڪٿي لپ اِسٽڪ لاليءَ جو، ميڪ اپ پائوڊر جو نشان نه، ته به حسن اهڙو جو سندن اڳيان مِس ورلڊ پاڻي ڀري.‘

ڪلاڌر پنهنجي ماتر ڀوميءَ کي هر ڏس کان، هر نظر کان پرکيو آهي. زرري زرري کي جاچيو آهي جرڪايو آهي. تمثيل ۾ ڪٿجي ته ٻنيءَ جي ڳالهه جي ڳالهه جي سبنڌ ۽ شڪتيءَ جي سونهن کي ڦهلايو ۽ نکاريو آهي. هوا جي هر لهر کي ماڻيو آهي. قدرت جي هر سينگار کي پسنو آهي. هر جيو جنتوءَ سان ادويت پرايو آهي. هر خوبيءَ کي اپاريو آهي. هر خاميءَ سامهون ٿونجيو آهي.

شهرن جي مشيني سيبتا انهيءَ کي ٻرڪائي ويندي. رت جي جياپي
ٻوتن وٽان ميسر ٿيندڙ ڪاڏو خوراڪ ۽ آڪسيجن جي کوٽ ان کي کائي وين
پر اڄ ڪڇ جي سنڌي ٻوتن ۾ موجوده ڍڪڻ، واڍن، ڪنڀرن، ڪسا
ڪاسائن، مال چاريندڙ ڏنارن، ميهارن، ٻڪرارن، اوٺين کي شاهه جو ڪ
جهونگاريندو ٻڌي. سنڌن پونگن جي آڳٽ ۾ سنڌي بائن کي پيرت پر
ڏسي، لوڪ گيت ڳائيندو ٻڌي. سازيندڙن کي نڙ، چنگ، بين، بورين
سرندو وڄائيندو ڏسي. اهو وشواس وري نئين سر پيدا ٿيو آهي ته س
ٻولي ۽ ثقافت اسان وٽ هند ۾ به زنده رهندي. پنهنجي سڃاڻپ برقرار
لاءِ انهن ٻوتن ۽ ٻوناڻن کي پنهنجو سمجهي اسان کي اپنائڻو آهي.''
پڇ ۾ ملاقات دوران مون ڪلاڌر کي چيو هو- سنڌي ساهتيه ۾ پوين پ
ڏهاڪن کان ڪهاڻيءَ جي جيڪا هڪ قسم جي روايت اِستاپت ٿي چ
آهي. ان ۾ تنهنجون ڪهاڻيون وشيه، ماحول ۽ ڪردارن جي نواڻ ڪٿي
آهن. ڪڇ جي هڪ ڪنڊ ۾ ٻهراڙيءَ ۾ رهندي، تو لوڪل ليکڪن
پنهنجي سرزمين کي اپاريو آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙي ماحول جي غير مو
يءَ ۾ توکي پريرڻا ڪيئن ٿي؟ ڪڇ ۾ تون سنڌيءَ جو اڀياس ڪيئن ڪ
غير تعليمي ماحول ۾ ساهتيه ۽ جديد حالتن جو اڀياس ۽ سڪار ڪيئن
ڪيو؟

هن ڄاڻايو ته ٻنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو آهي. مدرسن ۾ ڏرمي
سان گڏ. سنڌي پڙهائي ويندي آهي. تعليم سان ئي منهنجو واسطو
آهي ۽ ان سبب ساهتيه ۾ رُچي به. پنهنجي ٻني، جيڪا سنڌ سان جڙيل
آهي ۽ پورو سنڌي ماحول قائم آهي، ان سرزمين جو ٻوناڻو روپ جڳت
آڏڻ پنهنجي ساهتڪ سچائي سمجهيم.

هاڻ مون پنهنجي شنڪا اِظهاريندي پڇيو: 'پيرو' نالي ڪهاڻي مون
هئي. پنجاهه سالن دوران مون سنڌيءَ ۾ اِن قسم جي بهترين ئي ڪ
پڙهي هئي.

ڪلاڌر چيو: اها ڪهاڻي منهنجي لکيل آهي. اها شايع نه ٿي آ
توهان پڙهي ڪيئن؟

هڪ چتاپيتيءَ ۾ پڙهي هئي.

پر ان تي اِنعام نه مليو هو.

ٻين بابت مان رايو نٿو ڏيئي سگهان.

رڻ ۾ به منو پاڻي، تلاءَ، کوه، آوازا، پاڻيءَ جو بچاءُ ۽ سنگره ڪرڻ جا ڏيهي طريقا، پاڻي ته پراڻ آهي. املهه آهي چاڪاڻ ته پاڻي آهي ويچارن- بادلن جي آنسن جي ڌارا! پاڻيءَ جي اڻاڻ، سموري جيو سنسار لاءِ ته ڇا. ڌرتي ۽ وڻن ٽڻن لاءِ به آفت بڻجي تي. ڏڪار جي ان حالت ۾ قدرت جو زرڙو زرڙو مرجهائي ٿو. اِنسان ڇاهي جانور هڪ ٻئي جو همدرد بڻجي ٿو. بي زبان جانورن کي بچائڻ لاءِ مالڌارين کي جڳهه جڳهه ڀٽڪڻو پوي ٿو. پنالال پٽيل پنهنجي ناول ”مانوي ني ڀوائي“ ۾ ڏڪر جو ڀيبتناڪ ذڪر ڪيو هو. ان ناول تان پڪچر به ٺهي هئي ته ليکڪ کي گيانپيٺ اوارڊ به عطا ٿيو هو. سنڌوءَ پنهنجو وهڪرو بدلائڻ بعد، ڪڇ ۾ ڏڪر جڻ عام ڳالهه ٿي پيئي آهي. ڪلاڌر، رڻ جي انهن ڏڪرن جي حالتن کي ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي ڳ هيري ۾، سنکيپ ۾ بخوبي طور آڻي ورتو آهي.

ڏڪر جو ڏهڪاءُ صرف سنڌوءَ جي روسامي ۽ بارش جي ڪنجوسائيءَ سبب ئي ڪونهي. پر سياستدانن جي سوارٿي حرڪتن سبب به ڦهليل آهي. بني، جيڪو ايشيا جو شاهي چراگاهه آهي. زمين جي هينان سنڌو-سرسوتيءَ جو سيلاب اڃا ڪيس سرسبز رکندو رهيو آهي. ڏيهي ٻهر جي جڳهه تي وديشي ٻهر وڻ پوکي، بنيءَ جي ستياناس ڪئي وئي آهي. هي هاءِ بريڊ پرڏيهي وڻ تڪڙو اسري ٿو. چوطرف ڦهلجي ٿو ۽ سموري زمين جو پاڻي چوُسي، زمين کي بنجر بڻائي ٿو. ڳانيون ۽ ٻيا جانور سندس شڪار ٿين ٿا.

ڪلاڌر کيس شيطاني چنبي وارو پرڏيهي پاڳل وڻ ڪوٺيو آهي. هن ”ڳ اندو باول“ خلاف وقت به وقت ڪڇ جون. لوڪل اخبارون ۽ عوام، آواز اٿاريندا رهيا آهن، ته مبادا هي وڻ ڪڇ جي ستياناس ڪندو. پر ان مان ملندڙ ڪوئلو ۽ ڪوئلي مان ملندڙ ڪاري ناڻين پنيان جي سوار ٿي ورتي، عوام کي اکين سامهون تباهي ڏسڻ لاءِ مجبور ڪيو ويني آهي. به صديون اڳ، انگريزن نيل-ڳلي پوکڻ لاءِ مجبور ڪرڻ سبب، زمين بنجر بڻجي ويندي. ڪسانن آندولن ڪيا هئا. اها اِنهاسڪ حرڪت هاڻ اسان جي ”سوديشي ديش ڀڳت“ سياستدانن جي دور ۾، دهرائجي رهي آهي. جنهن خلاف ڪلاڌر ڪلاتمڪ ڍنگ سان جائز چناءُ ڪيو آهي. ناول ۾ ان پاڳل ٻهر جي قهر جا ڪارناما اکيڙڻ ڪان اڳ. ڪلاڌر پنهنجي ڪهاڻيءَ ”سکينه سانول“ ۾ به ان جا ڪارناما وٺي چڪو آهي. ليکڪ چوي ٿو- هن وڻ عوام کي ڪٽي جو ڪونه ڇڏيو آهي. ڳاد ڳوڙا ٿيا آهن، ميندون مال لٽيا آهن. اهڙا اوطارا جڏڻا پيا آهن.

سنڌ هٿ ڪاريگريءَ جي ڪلا ڪان مشهور هئي. ڪڇ مشهور آهي. ٻني،
سنڌ ڪڇ جو سنگم آهي. ٻنيءَ جي ڪلا هن ونت ڪڇي ڪلا طور ڄڻت ٻر ۾
ورڪائجي ٿي. اها ٻنيءَ جي سنڌين جي، سنڌي ڪلا آهي. ڪلاڌر ان دستڪاريءَ
کي وڏي خوبيءَ سان اپاري، سنڌي ڪلا کي ڪتا معرفت فخر حاصل ڪرايو
آهي ۽ پاڻکن کي ان ڪلا طرف موهيو آهي. ان جو واپاري اپيوگ، واپاري
سنڌين لاءِ ڏيساور تائين ڏسائون کولي سگهي ٿو.

سنڌي زيورن جا نمونا، پوشاڪ، لاڏن جا گيت. ٻارن جون اک بند، ونجهوتي
لنگڙي رانديون، جوانن ۽ وڏڙن جون پروليون ۽ ملهه ڪشتي.

ٻنيءَ ۾ ڪيتي نه ٿيندي آهي. اهو مالوندن جو پرڳٽو آهي. انهن لاءِ ڏڻ
ئي ڏڻُ آهي. ڳانيون هنن لاءِ صرف جانور ڪونهن، گهر جون ڀاتي آهن. هر
ڳانءَ کي پنهنجي پڇاڻ آهي. اتي نالي جي سڏ تي هوءَ توهان جي پرسان
هلي ايندي. ڳالهائيندي. توهان جو ڳالهائڻ سمجهندي-توهان جي سک دک
۾ سُکي دکي ٿيندي. ڇهه ڏهاڪا کن اڳ هڪ گجراتي ڪهاڻي آهي. ڳانيون
گهر جو ڀاتي آهن ۽ ٻولي ٻه سمجهن ٿيون، اِن ڳالهه تي يورپين کي اعتبا
نٿو اچي. ليڪڪ ڪيس واڙي ۾ وني وڃي ٿو. مالڪياڻي، واري وٺيءَ هڪ هڪ
ڳانءِ جو نالو ٻُنهي ٿي. ان نالي واري ڳانءِ جهنڊ مان اٿي ٿي. پرسان اچي
بيهي ٿي. مالڪياڻي هنن تان هٿڙو گهمائي ڳالهائي ٿي. امڙ-ماءُ-پيڻ
دادي چئي ڪيس واپس وڃڻ لاءِ چوي ٿي ۽ ٻيءَ کي سڏ ڪري ٿي. فارينرس
جون ڏندين آڱريون لڳي وڃن ٿيون.

ان ڪهاڻيءَ جي ڪنهن اثر بنا ڪلاڌر. سوپاوڪتا سان گهر جي اِنه
جانور ڀاتين سان انسانن جو پريم جو سنبنڌ وڌيو آهي. ڪلاڌر اِنهن غي
اِنساني جيون جو ٻه باريڪيءَ سان اڀياس ڪيو آهي. اٺ، گهوڙو، ڪت
ماڪوڙو، ماڪڙ، ٻگهه، ڪانوَ، تتر، ڏيڏر انهن جو سڀاءُ، خلت، سمجهه، شڪ
جو ڍنگ، پر پئسي جي اهميت ۽ ڊوڙ ۾ اڄ سڀ ڪجهه بدلجندو ٿو وڃي
جتي کير لسي مکڻ ڏڌ بنا ملهه ورتائجندو هجي. اتي هاڻ مشينن ”فيٽ
جا نسخا آندا آهن. ڳانءِ جي ملهائي کير ۾ فيٽ گهٽ هئڻ سبب ها
”ڪارين مينهن“ جو ملهه وڌي ويو آهي-پوءِ ڇاجي ماڻهو ڪولوسٽرل
مريض ڀلي ٿيندا رهن!

سياري ۾ گرمائش بخشيندڙ، اونهاري ۾ بنا اي.سيءَ. جي ننڍڪ ڏيند
رهائش جا ڏيهي پونگا ۽ انهن جو ڪلاتمڪ انٽيرئر ڊيڪوريشن.

جي نظر وٽ جي صرف واپاري طبقي جي سنڌين تائين محدود بڻجي ويندي آهي.-وڻج ۽ واپار-واڻيا شاهي! بس! تڏهن ٿرپارڪر، ٻني، ڪڇ، سوڍا، جاڙيجا، ڪولهيءَ اوڏ، ميگهوال، جت، سما، سومرا، مُتوا، سنگهار، جيئيجا، مياڻا وغيره جي چوطرف سنڌي ٻوليءَ جي جوت جڳائي رهيا آهن، اهي نظرانداز ٿي ويندا آهن.

ڪن ٻين ٻولين جا پهريان ۽ شروعاتي ناول ٻه پڪي پيڙه ۽ يادگار بڻجي رهيا آهن ۽ اڄ تائين پريرڻا پهچائيندا رهيا آهن. پر سنڌي ناول گهربل اوسر پائي نه سگهيو آهي. ڪٿا ساهتيه جي اسان جي ڪمزور پيڙه شايد بنياد کان پيل آهي. مرزا قليچ بيگ جي ”زينت“معرفت وڌل پيڙهه اهڙو ڪوبه ناول بخشي نه سگهي آهي، جيڪو سنڌ جي پوڻءَ جي سرهاڻ ڦهلائيندو هجي. جنهن کي انچلڪ ليکي سگهجي. پوميءَ جو عيوضي ليکي سگهجي، زمين جي درسني ليکي سگهجي!

گانڌيڌام ادیپور -ڪڇ ۾ ڪيترا سنڌي اديب رهن ٿا. هو سنڌ جا باشندا سنڌي ليکڪ آهن. ڪلاڌر ڪڇ-ٻنيءَ جي سرزمين جو پهريون سنڌي ليکڪ آهي. هو سنڌي ناهي-ڪڇي آهي. ٻنيءَ ۾ وسندڙ گجراتي آهي. پر هو سنڌي آهي. ٻني، جتان سنڌو ندي وهندي هئي. ۽ اڄ زمين هينان وهڪرو اٿس؛ ٻني جتي سنڌ جا باشندا صدين کان وسيل آهن. ٻني، جتي سموري سنڌي سنسڪرتي محفوظ رکي ويٺي آهي، ٻني، جتي هر شخص سنڌيءَ ۾ ڳالهائي ٿو. سنڌيءَ ۾ سوچي ٿو. ٻني، جتي شاه صاحب هر رات جو جاڳي سنڌيت جي محفل جمائي ٿو، ٻني، تعليم جي لحاظ کان پڇڙيل هن علائقي جو تعليم يافت شخص اديب جي روپ ۾ اسري غير سنڌي زمين تان سنڌي ناول جي درسنيءَ ۾ اسان کي سنڌيت جو درشن ڪرائي ٿو؛ هڪ صديءَ جي سنڌي ناولن جي سمورن انگن کي پاسيرو ڪري، سنڌيءَ ۾ پهريون انچلڪ ناول پيش ڪري ٿو.

ڪڇ جي پهرئين سنڌي ليکڪ معرفت سنڌيءَ ۾ پهرين انچلڪ ناول جي هن ڏين جي مان ڇا صرف آجيان ڪريان، شڀ ڪامنائون اظهاريان، ڪ سنڌي ناول ڪيتر سان وڌ ڪرڻ سبب سندس شڪرانا مڃان؟

سنڌ وڇاڻ جي پنجونجاهين سال ُره تي.

-جينت ريلواڻي

پندرهين آگسٽ ٢٠٠٢، راجڪوٽ

بن جوان دل ڪردارن جي بهاني ڪلاڌر سموري ٻنيءَ کي ڪردار ٻڌائي اجاگر ڪيو آهي. سموري انچل کي پڳويو آهي. ناول جا نه صرف اِنساني ڪردار پر وڻ ٽڻ جيو جنتوُ قدرت جا سمورا عناصر ڪردار ٻڻجي پنهن... پنهنجي ڀومڪا نڀاهين ٿا. هن ڪڇ جي رڻ جي گوناگو رنگن جي چ... ي ڪئي آهي.

ڪلاڌر جي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جي ڀڃاوَ سان ڀرپور آهي. ٻوليءَ ۾ نه ڀين ڀارتيه سنڌي ليکڪن جيان اجاين غير سنڌي اکرن جي ڀرمار آهي ۽ نه پاڪستان جي سنڌي ليکڪن جيان اردو عربي-فارسي اکرن جي ڀيڙنگائي آهي. ڀوءِ به هڪ لوڪل لهجي جي اثر کان ڇوٽڪارو پائي نه سگهيو آهي. ٻنيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پوري واهپي جي باوجود ڪڇي اچارن سان گجراتي اکر ضرور مروج ٿي ويا آهن. پر ڪلاڌر انهن اکرن کي بلڪل سوپاوڪتا سان ڪم آندو آهي. ان سبب اهي اکر ڏنگين ڪونه ٿا.

مثلن: گڏ ٿيڻ لاءِ ڀيڙا ٿي، (ભેગા થઇ) خوش باش لاءِ-ليلا لهر(લીલા લહેર) ، مهورت وموچن لاءِ-اناورڻ (અનાવરણ) ، تيليءَ جو ٽنپ، وڏاءُ لاءِ-رائيءَ جو پربت، (રાઇનો પર્બત) هنڌ-بستري لاءِ-پٿاري (પથારી) ڦٽي ڪرڻ لاءِ-ڦگائڻ (ફગાવવું)، قهر لاءِ اپدرو(ઉપ દ્રવ) هن-اعتراض-خطا ناهي لاءِ عام فهم ٿي ويل اکر وانڌو ناهي(વાંધો નથી) ، هيٺ لهڻ لاءِ-اتري(ઉત્તરી) ، گهڻو گهڻو لاءِ-جهاجها جوهار(ઝાઝા જોહર) ، وغيره اکر ڪم آندل آهن. ان سان گڏ، جيڪي غير تعليم يافت ڳوناڻا ڪردار پويا اٿائين، انهن جي سنڌي ٻولي به سهج ڳوناڻن اچارن جي هجي ها ته هن قسم جي ناول لاءِ وڌيڪ موضون ٿئي ها.

سنڌي عوام لاءِ ته عام طور رايو هوندو آهي-ڪين لوليءَ ۾ سون جي هندورن ۾ لڏڻ جي-پئسي جي-لولي مليل هوندي آهي. ثقافت جا مسڪين پر ذهني طور پاڻ کي ايريل اسريل سمجهندڙ سنڌي، ٻي هر ٻالهه جي ڏيکاوَ ۽ وڏا ڄيان. پاڻ کي وشومانوَ سمجهڻ جي غلط فهميءَ ۾ رهي، پنهنجي سنڌ کي هيل تائين نه صرف نظر انداز ڪندا رهيا آهن، هاڻ به ڪري رهيا آهن سنڌوُ سروير جي فخر سان گڏ هوُ سنڌ کي صرف ڪشمور کان ڪراچيءَ تائين محدود رکندا رهيا آهن. هنن کي ڄڏهن ڇيو ويندو آهي ته سنڌي سائين سنڌيت جو ڦهلاءُ ته دور دور تائين ڦهليل آهي اولهه راجستان، ڪڇ ۽ ڪانياو... تائين ڦهليل آهي، ڪڇ جه ايون ڪوليو، ڏسو، محسوس ڪريو، تڏهن هن...

پاس بہ تلاءَ. سياري جي صبح جو سج اوپر پاسي کان پنهنجي پوري آب و تاب سان سوريان سوريان آڪاش تي اونچو چڙهي رهيو آهي.چئني پاسن کان پکين جا منڊا منڊا ٽول ڪنن تائين پهچي رهيا آهن. سج جا ڪوسا ڪوسا ڪرڻا ڪچن ڪکاهين پونگن کي گرمي ڏيڻ جي ڪوشش ۾ آهن. ماڻهون ۽ مال مينهون ڏوهي واندا ٿي سندن مالن کي پاڇيري جي لائي جهنگل ڏانهن روانا ڪري رهيا آهن. مانيون بہ مال مان وانديون ٿي هاڻي نيرڻ پاڻي جون تياريون ڪري رهيون آهن تہ ڪي وري سُئي ڌاڳا کڻي پرت پرڻ جي لائي ويهي رهيون آهن.

سنهڻي بہ پنهنجي هٿن سان ناهيل ڪنجري هٿ ۾ کڻي هن ۾ پرت پرڻ جي لاءِ ويهي رهي آهي. سنهي سئي جنهن ۾ گلابي رنگ جو ڌاڳو پرويو.

هن کي ننڍپڻ کان ئي گلابي رنگ سان خوب پريم آهي. اِهو رنگ هن کي ڏاڍو وڻندو آهي. تڏهن تہ جڏهن بہ هوءَ پنهنجا ڪپڙا سبائيندي آهي تہ سائي رنگ جي شلوار، چولو جڏنهن تہ گلابي رنگ جي چئن والن جي چنري پسند ڪندي آهي.

هن جي گوڏن تي پيل ڪنجري جو پرت ڪافي ڪجهہ پورو ٿي چڪو آهي. ٿورڙو ڪجهہ باقي آهي. اهو پرت ڏاڍو سٺو ۽ سندر آهي.

هتي ڇوڪريون جيسين ڪنواريون هونديون آهن تيسين چولا پائينديون آهن. جن چولن ۾ ڏيري پرت پريل هوندو آهي. پرڻجڻ کان پوءِ هو ڪنجريون يا ڪنجرا پائينديون آهن. هيءَ ڪنجري سنهڻي پنهنجي پاڻُ جي لاڏيءَ لائي ناهي هئي.

جنهن پهرڻ ۾ پرت ٿورڙو هوندو آهي تنهن کي ڪنجري ۽ جيڪو سڄو سارو پرت پريل هوندو آهي تنهن کي ڪنجرو چيو ويندو آهي.

هنن ڪنجرين جو پرت يقينن اديوت هوندو آهي. جيڪو پرت دنيا جي سڀني سنهڙن پرتن مان هڪ آهي. هي پرت ڪنهن هڪ ٽانڪي يا سيبي تي آڌارت ڪونہ آهي. يا ڪنهن هڪ ٻوٽي يا گل جو نالو ڪونهي. هن ۾ تہ پکو، ڪچو، ڪتري، چوپڙ، ڳوتئون، ڪارڪ، صوف، نيرڻ، ٻيڙو، دورڻ جهڙن انيڪ پرڪارن جا جدا جدا ٽانڪن ۽ سبن وارا پرت پريا ويندا آهن. اهي سڀئي پرت پنهنجي علحدي آڪرتي يا ٻوٽي کان سڃاڻا وڃن ٿا. هڪ تہ هي پرت اڳي ئي ڏاڍو خوبصورت هوندو آهي ٻيو وري هن ۾ جڏهن ڪا ڪنواري ڪنيا ساڃن ملڻ جي سڪ ۽ اندر جا اڌما ۽ ارمان پريندي آهي ۽ سنهڙي سئيءَ سان

Chapter 1

گجرات راڄ جو اتر الهندي وارو ڏوراهون سرحدي علائقو. جتي
انترراشتريہ سرحد واري ليڪ، هڪ پاسي سونهاري سنڌڙيءَ جي سرزمين،
موهن جي دڙي واري صدين جهوني ثقافت کي پنهنجي هندوري ۾ جهولائي
رهي آهي. تہ ٻي طرف ڪڇڙي جي ڪامڻگاري پلاري پون پنهنجي هنج ۾
ڍولا ويرا واري پراڻي سنڌو سڀيتا کي ساهن ۾ سانڍيو ويٺي آهي. هڪ ٻئي
سان مڪامبلو ڪندي سرگرشيون ڪري رهيون آهن.

ٿر جون ٿڌڙيون هوائون ٻنيءَ جي ٻاٻاڻن لاءِ سنڌ جي سانگيئڙن جا نياپ
سنيها کڻي اينديون آهن تہ ڏکڻ پاسي وارا پوَن هوائون ٻنيءَ جي منڙن
ماروئڙن جا پيغام ٿر ماروئن کي پهچائيندا آهن. ٻني وسنار معنيٰ تہ مال
چاريندڙ منڙن ماروئڙن جو ملڪ. جنهن ملڪ کي قدرت پنهنجو انوکو ۽ منفر
روپ ڏيئي عزت ۽ عظمت بخشي آهي. ڇئني طرفن کان رڻ، جنهن جي وچ
ماءُ ٻني ڪنهن جزيري جيان لڳندي آهي. اهو رڻ جي وچ ۾ منيءَ زمين
وارو پٽو مهاساگر ۾ پيل موتي جهڙو لڳندو آهي. جنهن ۾ مال چاريندڙ مار
پنهنجي هڪ الڳ انداز ۾ دنيا جي پيچ پچان کان بي خبر اهڙو جيون جيئند
آهن. جتي جا جهل، ٽڙ، ڪوهہ ۽ ڪکانهان پونگا ڏسيو اکين کي آرام اچ
ويندو آهي.

قدرت جي هنج ۾ ڪيڏندڙ، ڪڏندڙ ماڻهن جا ٿلها متارا تندرست جس
سندن ڊگهي اوچي قد وقامت. پيرن ۾ چم جا ڇيڇاٽن وارا جوتا، ڪلهي ت
سچي اجرڪ. مٿي تي ڪارا رومال ۽ ٻُت تي پوت (گوڏ) ۽ خميس ڏسڻ وٽا
هوندا آهن. سندن سونهن ۾ ڪو ثاني ناهي. ڪٿي لپ اسٽڪ لاليءَ جو
ميڪ اپ پائوڊر جو نالو نشان نہ، تہ بہ حسن اهڙو جو سندن اڳيان مس و
(Miss World) پاڻي پري.

ڏور ڏور قبيلي وار ماروئڙن جا ويڙها ۽ وسنديون. هڙي ننڍي علائقي ۾
الاجي ڪيترين ساريون جاتيون پنهنجا پڪڙا اڏي ويٺيون آهن. ڪٿي م
تہ ڪٿي جت. ڪٿي هاليپوتا تہ ڪٿي هنگور جا. ڪٿي رائشي تہ ڪ
ڪوراڙ، ٻميا. عجب جهڙي ڳالهہ اها آهي تہ هنن سڀني جاتين جون ريت
رواج قدري مختلف آهن. رهڻي ڪهڻي ۾ بہ فير آهي. سڀني جو زند
جيئڻ جو طريقو الڳہ الڳہ آهي. ها ڪٿي ڪٿي هڪ جهڙائي بہ.

ننڍڙو پندرهن ويهن گهرن تي مشتمل سنو اهڙو ڳوٺڙو جنهن جي

سنهڻي جي مٿان ڄڻ آسمان ٽٽي پيو هجي. ڄڻ زمين چڪر کائي رهي هجي. ڄڻ اپ مان آسمان جا تارا ڪڙي ڪڙي هن جي پُٽ سان ٽڪرائجي رهيا هجن ائين هن کي لڳي رهيو هو.

سانت سمنڊ ۾ ڪو طوفان آيو هجي تهڙي هن جي من جي حالت ٿي ويئي. هن جي اکين ۾ آنسون اچي ويا. هوءَ چاچي وريام کي سامهون ڪوبه جواب نه ڏيئي سگهي. پنهنجي پير جي آڱوٺي جي ننهن کي نهاريندي رهي. هوءَ ائين چپ چاپ ويني هئي ڄڻ ڪا سراپيل پٿر جي ڪا مورتي هجي.

سڙي شل، هي سماج به ڪهڙو آهي. ڪنهن سان اگر ڪجهه دير لاءِ پُل چڪ ۾ به ڪا ڳالهه ٻولهه ٿي وڃي ٿي ته چونڪن گلين ۾ عجب غضب جهڙيون ڳالهيون اڏرڻ لڳنديون آهن. اڙي مُئي واندن ماڻهن جو ته ٻيو ڪم ئي ڪهڙو آهي، پيڙا ٿي وينا ڳالهين جا ڳڙها ناهيندا آهن. ڪيڏو نه سوڙهيءَ دل وارو آهي هي سماج. جيئرو ماڻهو آهي. آخر ڪنهن سان ته ڳالهه ٻولهه ٿي ئي ويندي آهي.

هن بي حس سماج ۾ ڪنهن جي احساس، ارمانن کي سمجهڻ ،سوچڻ ئي ڪنهن وٽ ذرا به فرصت ۽ گنجائش ڪانهي. ڪوئي ڪنهن جون مجبوريون سمجهي ئي نه پيو.

هن ٿڌو، ڏکهو ساهه کنيو، گوڏن تي رکيل ڪنجريءَ کي ويڙهي سونڊي ۾ کي هوءَ اجان اٽڻ جا سعايا ڪري رهي هئي تان ته سندس ساهيلي سلمان جي پهتي. هن اکين ۾ آيل آنسن کي اگهي سوست ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي. چڪور نظر سلمان سمجهي ويئي. هن ترت پڇيو.

”اڙي سنهڻي، تنهنجي اکين ۾ هي لڙڪ، ڇا ڳاله آهي؟“

”نه سلمان، لڙڪ وري ڇاجا.چري رڻ ۾ اڱل توهر ۾ اينرو پاٽي پلا ڪتان جو سج جي گرميءَ سان ٻاڦ بڻجي ٻاهر نڪري. هي ته ڪنر سان ٽڪون ڙي رهي هيس نه ٽڪ جي ڪڙي ٽٽڪ اڏي اک ۾ پئجي ويئي، تنهن ڪري لڙڪ نڪري آيا آهن.“

”سنهڻي گلابي رنگ جا به ٿي ڏاڳا نه ڏينم، توڙي لاءِ ڪٽي پيا، اڄ نه مان ڪري ويني هيس نه ڪجهه به ٿئي،ڪنجري سڄي ناهي پوري ڪري اندس، پر ڇا ڪيان جو ڏاڳن مجبور ڪري ڇڏيو ۽ توڏانهن اچڻو ..“

پنهنجي امنگن کي ڌاڳن ۾ پروئي ڪپڙي جي آرپار وڃڻ ڏيندي آهي
اجنتا الورا جهڙي ڪا عجب جهڙي ڪرتي ڪڙي تي پوندي آهي. جنهن ڪ
نهاريندڙ جا نيڻ نهاريندي ٿڪجندا ئي نه آهن. تنهن ۾ به وري پن (Pin) جي
مٿي جيڏيون ننڍيون ٽڪون ته ڏاڍيون سهڻيون لڳنديون آهن. ه
پرت جي سونهن ۾ چار چنڊ لڳائي ڇڏينديون آهن ڄڻ ته آڪاش جا ٽمڪندڙ
چمڪندڙ ستارا اڀ مان لهي اچي هن پرت ۾ سمائجي ويا هجن ۽ هنن ڌاڳ
جي ڪوٻيتن ۾ اچي لڪي رهيا هجن اهڙو دل کي محسوس ٿيندو آهي.

هر سماج، هر قوم کي پنهنجو ورثو هوندو آهي، پنهنجي ثقافت هوندي
آهي ۽ پنهنجون ريتون رواج هوندا آهن. تئن اسان جي ديس ۾ به ڪيڏي
وويڌتا آهي. ٽڪن ٽونئرن وارو پرت ته هن ملڪ کي قدرت پنهنجي طرف
پيتا طور ڏنو هجي ائين هن پرت کي ڏسي لڳندو آهي. سُهڻي ڌاڳو پرو
سُئي کي رتي رنگ جي ڪنجريءَ مان آرپار هلائي رهي هئي. سُئي جه
پٽ هلي رهي هئي. ڪپڙي ۾ گهسي ناهي ته نڪتي ناهي، ڪيڏي
پرئڪٽس ۽ تجربو هو هن کي. ذرا به سوچڻو ويچارڻو هن کي ڪونه ٿي پ
تنهن جي باوجود به کهڙيون نه سهڻيون ٻوٽيون پاڻ مراديون ڪپڙي
اڀري ٿي آيون. ڄڻ ته هن جي دماغ ۾ ڪو ڪمپيوٽر رکيل هو. جو هو س
ههڙيون ٻوٽيون ٻاهر ڪڍي رهيو هو. هن پرت جون تمام ٻوٽيون سهڻيءَ
من ۾ چٽيل هيون. جا وسٽو من پٽ تي اڪريل هوندي آهي ان کي پلا چ
جي کهڙي ضرورت، سُئي ڪپڙي مان پسار ٿيندي وڃي ۽ خودبخود ٻڙا
نهندي وڃي.

سهڻي هڪ ڌاڳو وڌائي پورو ڪيو ۽ ٻيو ڌاڳو ڪٽي هن جي ڇيڙي
منهن ۾ وجهي پسايو ۽ سئي کي نڪ جي سونٽ ۾ جهلي هن ۾ اهو ڌ
پروئڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪنجري سندس گوڏن تي ئي پيئي هئي.

”سهڻي ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ هئين ڪونه هلندو. جو زندگي پياري ه
ته اهي پريم جا پرپنچ ڇڏي ڏي. نه ته اڄ ڪان اگر ههڙي حرڪت ڪ
ڏٺم ته تنهنجي شرير تي سر ڪونه رهندو ۽ هن شيطان جي قر گلڻ سان
ڪٽي به بيهندي يا ٻالهه ٻولهه ڪندي هاڻي نظر پيئي آهين ته تنهن
جيءَ ڪل ٽڪو به نه لهندي.“

”ڏينهون ڏينهن تنهنجي پريم جا آلاپ وڌندا پيا ٿا وڃن.“ چوندي
نقڙ وهائيندي چاچا وريام هلي نڪتو.

سندس سنهڻو ياءُ به هن کان کسي ورتو، ياءُ جي فرقت ۾ ورهه ۾، هن جي ياد ۾ هوءَ پاڳل بڻي وڃي ٿي. ڪوئل بڻي بن بن، وڻ وڻ ۾ ياءُ کي تلاش ڪندي، ڪو....ڪو....ڪندي، ياءُ کي سڏيندي ٿي رهي. هوءَ اڄ ڏينهن تائين ڪو....ڪري رهي آهي ۽ سندس ياءُ کي سڏي رهي آهي پر سندس ياءُ اڃان تائين واپس نه مليو اٿس. ويچاري ڪوئل...! ڪهڙي نه منڙي ۽ درد ڀري ڪو...ڪو...ڪندي آهي.

ڪوئل راڻي هيڏانهن اچ، تون پڻ منهنجي گهر ۾ اچي آڪيرو اڏ. آئون به تو جيئن اڪيلي ئي ته آهيان. منهنجو به هن دنيا ۾ ٻيو ڪير آهي. امان ته ويچاري منهنجو ياءُ ڄاءُ تڏهن ئي گذاري ويئي ۽ بابا به امان جي موت کان ڇهه مهينا اڳ راهه رباني وٺي رمندو رهيو. دين دنيا ۾ هڪ پيارو ياءُ بچيو هو جنهن کي سانڍي پالي وڏو ڪيم، هو به هڪ ڏينهن جڏهن مينهون چارڻ جي لاءِ جنگهه کي ويو هو ته هن کي ڪا بلا ڏنگهي وئي ۽ هو به امان بابا واريءَ واٽ جو راهي ٿي ويو. رهيس مان نياڳي اڪيلي. اچ ڪوئل راڻي اچ. تون بسنت رت جي راڻي آهين، تنهنجي رهڻ جي لائي انب ڇئين ته انب پوڪي ڏيانءَ. ٻيو به جيڪي ڇئين سو ڪري ڏيانوَ. اڙي هيڏو وڏو درياهه جيڏو گهر ـي، پوئي انب جي پلا ڪهڙي ضرورت آهي. اڄ ٻئي هن گهر ۾ هنديونسين. ڪائڻ پيئڻ جي فڪر نه ڪج مان سيئي توکي ڏيندس.

اڙي مان به ڪا پاڳل يا چري ٿي آهيان، جيڪو هن ويچاريءَ کي به هن هنم جهڙي گهر ۾ اچي رهڻ جي لائي چئي رهي آهيان. منهنجو پنهنجو ـو نيڪاڻو ڪونهي، مٿان وري هن کي سڏي رهي آهيان. نه....نه...ڪوئل ـي تون هيڏانهن منهن به نه ڪج، مئن انسانن ۾ ڇا رکيو آهي. صرف چوڻ ـي لائي ئي ساماجڪ يا ٻوڌڪ پراڻي آهي. باقي انسانيت جهڙي نه ڪا شئ ـجهن ڪونهه ٿي پيئي ڏسجي. ڏسو نه ياءُ ياءُ کي قتل ڪرڻ جي لائي تلوار ـلائي. ياءُ ياءُ جي رت جو اڃيو آهي. روز اخبارن ۾ پيو ٿو ڇپجي ته اڄ ـي ڳوٺ يا شهر ۾ دهشتگردن هيترن ماڻهن کي موت جي گهاٽ اتاري ـيو آهي. اڄ هيترن ڄڻن کي اغوا ڪيو ويو. اڄ هيترا خون ٿيا. ڪهڙي ـج ۾ توکي سڏي، تنهنجي جيون کي ڇو نرڪ بڻايان. تون وڃي انبن ـين جي ٽارين تي ٻهر ٻهرين جي ٽڻن ۾ جهول ۽ جهوم. ۽ وڃي سندر سنهڻا ـت ڳائي.

اڙي هان ڪڙي ٻي ڳالهه ياد آيم، ولايت ۾، ڪنواريون ڇوڪريون

”ھا ھا سو تہ آئون بہ سمجھان ٿي، تہ توکي ڪا غرض ھوندي آھي تہ
ئي تون منھنجي گھر ايندي آھين. نہ تہ پنھنجي پيڻ جي خبر چار
لھندي آھين ،تہ مري ٿي يا جيئي ٿي.“

”نہ نہ پيڻ سنھڻي! ائين نہ چئو. توکان سواءِ منھنجي ڪيئن سر
ڏس نہ مُئا سياري جا ڏينھن اينترا تہ ننڍا آھن جو ٿورو گھڻو ڪم اڃا
نبيريون ٿيون تہ وڃن ٽا ٿي ٻپھر. ۽ ماني ٽڪي ناھڻ کان پوءِ تہ بس وقت
ڪٿي رھندو آھي. ڏس نہ سياري جا سج، سوا ڇھين وڳي تہ لھي وڃن

ھاٽي ڇڏ ڪٿي انھن ميارن کي ٻي ڪا ڳالھہ ڪر، آ ھا سنھڻي
واھجي ڪنجري ناھي آھي. ڪيڏو نہ سنو ۽ سنھڙو پرت پريو اٿئي.
پائي واھ بنھہ ڪمال ڪري ڇڏيو اٿئي. جھڙو تنھنجو نالو آھي، اھڙو
ڪم بہ ڪري ڏيکاريو اٿئي. ۽ ڪم سنو ٿئي بہ ڪيئن نہ دل جا ارمان جو
اٿئي.

”سلمان ھاٽي ڇڏ ڪٿي واکاڻن کي، ٻڌائي اڄ شام جو رھاڻ ڪرڻ جي
ايندينءَ يا نہ“

”ھا ھا چو نہ، ضرور ايندس“ چوندي سلمان ھلي نڪتي. سنھڻي
پنھنجي ھٿ واري ڪنجريءَ کي ھڪ پاسي رکندي گھر جا باسڻ ٿانو
جي لاءِ باھر ڪڍيا ۽ ڌوئي سيئي پاٽياري تي رکندي ويئي.

ھڪ سني رنگ برنگي ڦٽي اڏرندي اچي سنھڻي جي رئي جي
بوٽن تي منڊرائڻ لڳي. ڪن ۾ ھيڏانھن تہ ڪن ۾ ھوڏانھن ،پنھنج
ڦڙڦڙائڻ لڳي. بہ چار پميوريون بہ اڱڻ ۾ ڪنھن لڙاڪ وماڻ جئن نند
جيتن کي جھلڻ لاءِ سوڙون ڏيئي رھيون ھيون.

تلاءَ جي ڪناري بينل وڏي ٻير جي ٽارين تي ويھي پکيءَ بنپ
ساھي پٽي رھيا ھئا ۽ پنھنجون ٻوليون ٻراءِ رھيا ھئا. جنھن ۾ ھڪ
پي ھئي، جا پنھنجي منڙي ڪو. ڪو..واري لات لنوي رھي ھئي.
سنو سماءُ ھيو. کھڙو نہ سندر سندس آواز ھيو.

اڙي ھيءَ ڪوئل پي تہ منھنجي پيڻ آھي. ھيءَ بہ مون واري جئن
ئي تہ آھي. انگريزي ادب ۾ ڪيڏي نہ سني ڪھاڻي آھي تہ ڪوئل
۾ ھڪ ڇوڪري ھئي. جنھن کي ھن دنيا ۾ مون واري جيئن ھڪ م
ياءُ ھيو. جيڪو ھن کي ڏاڍو پيارو ھيو. جيڪو ھن کي ڏاڍو وڻندو
قدرت کان جڻ اھو نہ ڏنو ويو. جيئن ٻيا سندس مائٽ گسجي ويا

Chapter 2

هن سماج تہ مون تي ننڍپڻ کان ئي ڏکن جا ڏونگر ڊايا آهن. ٻچپڻ کان ئي مون کي حيران و پريشان ڪيو آهي. مونکي تہ ننڍپڻ کان ئي پڙهڻ، اوچ تعليم پرائڻ جو شوق هيو، اتساهہ هيو. صبوح جو مدرسي ۾ ديني تعليم جي لائي پئي ويندي هئيس تہ ٻنپهرن بعد اسڪول ۾ هلي ويندي هئيس. کهڙي نہ سٺي نموني منهنجي تعليم هلندي پيئي هئي. قرآن پاڪ پڙهڻ بعد ٿورڙن ئي ڏينهن جي اندر سنڌي، اردو بہ پڙهڻ لکڻ لڳي هئيس. پر پلو ٿئي شل هن سماج جي مائهن جو، جن ڪاڪي جا ڪن ڀريا. هن مونکي پڙهائي کان اٿاري ورتو.

ڪو چوندو هو ''اڙي وريام چريا پنهنجي معاشري ۾ تہ ڇوڪرا بہ تمام گهٽ پڙهن ٿا اتي وري تنهنجي ڀائٽيءَ سنهٽيءَ کي لکائي پڙهائي ماسترياڻي بڻائيندين ڇا؟ ڏهن ٻارهن سالن جي تہ ٿي، هاڻي ڪٽي اسڪول مان ڪيس اٿارينس.''

تہ ڪٿي وري ڳوٺ جون وانديون مائ۔ون محفل مچائي ويٺيون هونديون هيون تہ اتي بہ وشيہ طور تہ هن کي ئي ڪٽنديون پيون هونديون هيون.

ڪا چوندي پئي هئي تہ ''اڙي هوءَ جيڪا نياڳي ڇوڪري آهي نہ، سا تہ ڏسجو کهڙا نہ سندس ڪاڪي کي گل ٿي ڪلاءِ. ٻري، ڪٿي سماج جو نڪ ڊائيندي ٻيو تہ نيڪ. چاهي اوڏانهن سنئين سڌي هلي ٿي وڃي. ذرا بہ سرمائيندي نہ آهي. ءِ رَ ر.....رئو تہ مٿي تي رکندي ئي نہ آهي. اهو تہ هميشه ڪلهي تي پيو هوندو آهيس.''

تہ وري ٻيءَ چيو ''ڏسجو تہ صحي نڪاح بہ پنهنجي من پسند ساڻ ڪندي. نهن جهڙي تهڙي سان ٿوري ڪندي. عالي موالي تہ هن کي اڪ هيٺ بہ ونہ آهن.''

''اڙي جيڪي ڪري، سو مرپيئي ڪري. سماج ۾ ڪو نئون ڇٽ نہ ڇتي تہ س. باقي تہ سڀ نيڪ آهي. ڳالهہ سڄي ڳڙ تي پيئي آهي.

''ماري ڪلهہ تہ مون جو ڏنيمانس، مون کي تہ ائين ٿيو تہ زمين ڦاٽي جاءِ ي تہ هنن سومرين جيان زمين ۾ هلي وڃان. هو آهي نہ جيڪو... ڳلڻ...هن ن ائين مُرڪي مُرڪي پي ڳالهيون ڪيائين ڄڻ هو سندس......سٽابانس هجي''

تہ وري ٻئي هڪ ڪراڙيءَ مائي چيو ''وڃي جهنم ۾ پئي پنهنجو ڇا،

بنھنجي شاديءَ جي باري ۾ ھن ڪوئل راڻيءَ کان ئي سوال پڇنديون آ
تہ منھنجي ڪڏھن شادي ٿيندي. اڄ تہ مان بہ ھن کان وڃي پڇا
چوندا آھن، سوال پڇڻ تي جيترا پيرا ڪوئل مٿو لوڏي ايترن سالن
پوئي شادي ٿيندي آھي. اھو بہ ڪانئس پڇي ونان تہ منھنجي شادي
سان ٿي سگھندي يا نہ؟ گلڻ سان شادي رچائڻ جا منھنجا ارمان پور
سگھندا يا اڻ پورا اڌورا رھجي ويندا. ڇا اھو ڏينھن بہ منھنجي قسم
لکيل آھي، جنھن ڏينھن مان گلڻ جي گھرواري ٿيان. ڇا ھو منھنجي
کي چميون ڏيئي سگھندو يا نہ، ڇا اھي پيار اسان جي قسمت ۾ آھن
نہ؟ ڇا ھي سماج اسان جي پيار کي پايہ تڪمبل تائين پھچائڻ ڏيندو
اوھو... ھيڏا سارا سوال! اھي بہ ھڪ پکيءَ کان ڇئي ٿي پڇان! نہ نہ ڪ
ٿي پڇان، ڪٿي نابري واري ڇڏيندي تہ دل ٽٽي ويندم. نہ نہ ڪو
وڻندم تہ ڇا چوندوم. چوندا چري ٿي رھي آھي. من ئي من ۾ ھوءَ ويچار
پنھنجا ھٿ رئي جي پلو سان اگھندي گھر ۾ ھلي وئي.
سنھڻي جڻن ئي ٿانو ڌوئي صاف ڪيا تہ سوچن جي مالھا بہ پاڻھير
ويئي. ھوءَ اٿي کڙي ٿي. ٿانو پاڻياريءَ تي رکي رنڌڻي ۾ ھلي ويئي.
ڪٽي رنڌڻو ٻھارڻ لڳي. ٻھار ڪڍندي دريءَ مان ڏٺائين تہ چاچا وريام
گھر ۾ گھنڊ ھنيو وينو ھو. ھن کي ڪاوڙيل حالت ۾ ڏسي وري ھن ج
مان ڌڪڻي پسار تي ويئي.

ماڻهن جي شڪ شبي واري ڳالهه ڪنهن حد تائين آهي ته سچي. تڏهن مان ننڍي هئس ۽ هاڻي جواني جي دهليز تي پير رکي چڪي آهيان. ٻالڪپڻ ۾ ته مونکي به ڪتي ڪي ويچار ايندا هئا. اڄ ته الاجي ڪيترا ويچار من کي گهيري وينا هوندا آهن.

اسڪول ۾ ماستر صاحب ڪهڙا نه سنا پاڙهيندا پيا هئا. ڪوتائون ۽ ڪافيون پيا ڳارائيندا هئا. شاهه صاحب جي رسالي وارا بيت ته ماستر صاحب کي برزبان هئا. جهڙي جهڙي موسم ايندي هئي تنهن واتاورڻ جي مطابق بيت پيا سڻائيندا هئا. ڪين ڪنن به قدرت ڪمال جو ڏنون هيو.

هڪ ته سُريلو سُر، ٻيو وري پت ڏٽيءَ جا بيت، بس پوءِ ته چوٽون ئي چا سون ۾ جڻ سڳنڌ. ڪڏهن ڪڏهن عمر ماروي يا سسئي پنهوءَ جا داستان پيا ٻڌائيندا هئا.

منهنجو گلو به ته مائي ڀاڳي يا عابده پروين جهڙو ئي ته هيو. اسڪول جي ساليانى جلسي ۾ گيت ڳائڻ ۾ ڪيڏو نه لطف ايندو هيو. اهو به وري ڪڏهن ڪڏهن گلڻ ۽ مان گڏجي ڪو گيت پيا ڳائيندا هئاسون ته بن-بن وڻ-وڻ مان سا...ري...گ...م...پ...ڌ...ني...سا جي سرواٽي ڦٽي نڪرندي هئي. جلسي ۾ آيل سڀئي مزمان ڪيڏا نه خوش خوشحال ٿي ويندا هئا.

مونکي ياد آهي ته هڪ ڀيري ممبئي کان اسان جي اسڪول ۾ ڪو وڏو ماڻهون آيو هو. هن منهنجو گيت ٻڌي مونکي ڳائڪي سيکارڻ جي لاءِ ۽ وڏي فنڪار ۽ ڪلاڪار بڻائڻ جي لاءِ ممبئي وٺي وڃڻ جي، چاچي وريام کان اجازت گهري هئي، پر چاچي موڪل ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. سنو ٿيو جو مان ممبئي ڪانه ويس. اوڏانهن ته ماڻهوءَ ئي ماڻهوءَ هوندا آهن. ڪنهن ني ڪو پڇندو ٻي ناهي، ڀاءُ ڀيڻ، چاچا چاچيءَ جهڙا ته جڻ سنبنڌ ئي ناهن ني.

ها هڪ شئہ منهنجي خيال سان سني ٿي هئي. مان جو ممبئي هلي ويئي نس ته صاحب کي وينتي ڪري گلڻ کي ضرور گهراءِ ورتو هئم. پوءِ ته بس ر ليلا لهر ٿي هئي. هٿ ۾ هٿ ۽ دل ۾ دل، ڪهڙو نه مزو ٿيو هو.

اڙي ڇڏيان ڪٿي انهن ڳالهين کي، هوءَ من ئي من ۾ چوڻ لڳي.

مان ڪلاس ۾ به ڪيڏي هوشيار هئس. ماستر صاحب ڪجهه به لکرائيندا ا ته سڀني کان پهرين منهنجي سليٽ ۾ لکيل تيار هوندو هيو. ۽ ٻيو نمبر ڻ جو هيو. ڪڏهن ته ائين ٻي ٿيندو هو ته گلڻ منهنجي ڪاپي

جيڪو ڪندي سو ڀوڳيندي''

ائين هوءَ هميشا ماين جي بحث مباحثي جو موضوع هوندي هئي
ڪيئن پئي چوندي هئس تہ ڪا وري ڪيئن. جهڙي مائي تهڙي
ڳالھہ. هر ڪا پئي هن کي ڪنو ڪنو ڪندي هئي. هن جو ڏوھہ صرف ا
هو تہ هوءَ تعليم پرائڻ جي خواهش رکندي هئي. ٻيو ڪو ڏاڙو تہ سنهڻ
ڪونہ هنيو هو.

آڪاش ۾ چندرما پنهنجي جوڀن جواني جي جلوي مان تارن جي جه
۾ پورب دشا کان پڇم ڏِشا طرف هوريان هوريان بادشاهي ناز وانداز
چهل قدمي ڪري رهيو هو. ۽ تارن بہ ڄڻ هن جي سواڳت لاءِ پنهنجي پ
سڄاءِ سينگاري ڇڏيو هجي تيئن جڳ مڳ جڳ مڳ جيوت جلائي رهي
چندرما جي چانديءَ جهڙي چاندوڪي اڱڻ ۾ بيٺل گلمهر جي لال پيلن
۽ سرسبز پنن کي وهنجاريندي هيٺ زمين تي بکري رهي هئي. جنه
وجهہ سان گلمهر جو ٿلهو ڪارو ٿڙھہ صاف ڏسجي رهيو هيو.

هو ڀڪي،جن شام ويل پنهنجين ٻولين سان سڄي ماحول کي مست بڻا
ستن ئي آسمانن کي گونجاري ڇڏيو هو. هينئر ڪيڏا نہ شانت ٿي،
لڪيا وينا هئا. صرف هڪڙي ٻيري گهو گهو-گهو ڪري واحد والي
علم جي ڏٽيءَ قادر قدرت جي ساراهہ جا ڏڪ ڀري رهي هئي.

آڙن جي تکن آوازن جون سيٽيون ڪنن جي پڙدن سان ٽڪرائجي
هيون تہ ڪنهن ڪنهن ٽاڻي ڇيري بہ پنهنجي هجڻ جو احساس پئي
اترپار کان ايندڙ ٿڌڙين ٿڌڙين هوائن رکي رکي منڙن ماروئڙن جي
۾ داخل ٿي، ڪين راحت ۽ فرحت ڏيڻ جي ڪوشش پئي ڪئي.

اهڙي سنهڻي ماحول ۽ منظر ۾ سنهڻي بہ کٽ اڱڻ ۾ ڍاري هن تي
پئي. ۽ ماضيءَ جا ورق ذهن ۾ ورائڻ لڳي.

ٻالاپڻ ڪهڙو نہ نردوش هوندو آهي. ڪائي فڪر يا ڪا چنتا نہ هوند
ڪنهن ڳالھہ جو ڊپ ڊاھہ نہ هوندو آهي. جتي وڻي تتي ڦر، گهم تہ ٻ
کي ڪو شڪ يا شبو نہ پوندو آهي. ڪو بہ شڪي نظر سان يا بري نظر نہ
آهي. جوانيءَ ۾ تہ جيڏانهن ٿو نهارجي ڇئني پاسن کان ماڻهن جون
پاڇي جيان پيڇو ڪنديون ٿيون رهن. ماڻهوءَ اکيون ڦاڙي نهاريند
آهن ڄڻ ڪا چور ڌاڙو هجان. پوءِ پلي نہ ماسيءَ وٽ من هلڪو ڪر
ڇو نہ ويندي هجان، ماڻهو شڪ، شنڪا سان ئي ڏسندا رهندا آهن.

ٽي.وي. ريڊيو جهڙا پرسارڻ به ڪيا ويندا آهن.

سلمان جو پاءُ پي چوندو هو ته اڄ پارت پاڪستان جي وچ ۾ ڪرڪيٽ ميچ آهي جيڪا اپگرهه ذريعي سڄي دنيا ۾ ڏيکاري ويندي.

انسان هيڏي ساري ترقي ڪئي آهي. چنڊ تي پهچندو ٿي ويو آهي. هزارون ميل پري جي شئه گهر ويٺي ڏسي سگهندو آهي. تنهن جي باوجود هو جهونن ريتن رسمن ۽ رواجن جو غلام ٿيو آهي. ڇا ڏکيل آهي هنن ڪوٺن بندڻن ۾. مان ڪٿي چوان ٿي ته اسان کي مُڪت، بلڪل بي لغام آوارا هلڻ ڦرڻ ڏيو، پر صرف ايترو ٿي چوان ته صرف گلڻ سان گڏ، منهنجي دل جي گل گلڻ سان گڏ منهنجو نڪاح پڙهاءِ ڏين.

هن ۾ ڀلا ڪهڙو نقصان آهي. نڪاح جي ته مذهب به اجازت ڏني آهي. اڙي ايتري تائين آهي ته جيستائين ٻئي ڄڻا راضي نه هجن تيستائين نڪاح نه ٿيندو آهي ته پوءِ گلڻ ۽ آئون ته.....اسين ته هڪ ٻئي کي چاهيندا آهيون. پر دنيا اسان جي ابتڙ دِشا ۾ هلي رهي آهي. دنيا وارن کان اسان جي خوشي شايد برداشت نٿي ٿي سگهي. دنيا وارن جي مُنهن تي ڀلا ڪير تالا پائي سگهيو آهي؛ جيترا مُنهن اوتريون ڳالهيون. چون ٿا ته هيءَ شادي هيئن بلا روڪ ٽوڪ جي ٿي ويئي، ته سماج ۾ هڪ نئون چيلو پئجي ويندو. ڇوڪرا ڇوڪريون ماءُ پيءُ جي ڪونه ٻڌندا. پنهنجي من ماني ڪرڻ لڳندا.

من ۾ ته ائين پيو ٿئي ته هي گهر ڇڏي ڀڄي وڃان. پر وري چاچي جي عزت آبرو جو پيو ويچار اچيم، هن ’لائي ڪيباپان پئي نه ته ڪڏهن جو فرار ٿي چڪي هئس. سنهڻيءَ کي اڄ ننڊ نه پيءَ آئي، هوءِ ويچارن جي واچوڙن ۾ ڪوهجي وئي هئي. اچانڪ گهڙيال ۾ ٻارهن جا ٽڪورا لڳا.

اوهو....توڙي رات جا ٻارهن ٿي ويا. جنهن جي ڪا سُڌ سمڪ ئي نه رهي. اهو صبوح جو ڳانيون ڏوهڻ جي لاءِ پنجين وڳي ته اٿڻون اٿم، هاڻي مونکي اکيون ٻوٽي آرام ڪرڻ کپي. چوندي سنهڻيءَ رلهيءَ کي مٿي ڏانهن سرڪائيندي سمهڻ جي ڪوشش ڪئي.

وري هڪ ڀيري ماضيءَ جي ويچارن جي درياهه مان کي ٻوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن ڀيري هن سُمهڻ جو پڪو سنڪلپ ڪيو هو. جنهن جي ڪري هوءِ ’’اللهم باسِمِکَ اَمُوْت وَاَحْيا‘‘ پڙهي سمهي پئي ۽ ٿوري دير بعد هن کي ننڊ پيلي وئي. چنڊ به هاڻي مٿان مڙي ويو هو. ڪنيون اپري ڪپار اچي ڏيون هيون. هر طرف شانتي هئي.

ڳهر وڃي ويندو هو ۽ هن مان ڏسي هوم ورڪ ڪري ايندو هو.

هڪ ڀيري ته ماستر سائين جن اسان کي وڳيان ميلي ۾ وڃي ويڃڻ
ڪيو هو پر منهنجي چاچي مونکي وڃڻ جي اجازت نه ڏني، جنهن جي
سڄو پروگرام رد ڪرڻو پيو هو. انهي ڏينهن ته سائين جن ڪيڏا نه نرا
پيا هئا. ڪيڏو نه افسوس ڪيو هئائين.

مونکي لڳي ٿو ته هي ڳالهه ته جنم و جنم مون سان گڏ رهندو. ننڍپ
ئي منهنجو ساٿ نڀائيندو پيو ٿو اچي. مان ستون درجو پاس ڪري
مان اتي ويس ته ڳالهه به نائون درجو پڙهي پڙهائي کي الوداع چئي
چوندو هئو ته سنهڻي تو بنا پلا پڙهائي ۾ ڪهڙو مزو. تون پڙهين تا
پڙهان، نه ته پوءِ هنن مينهن جا پچ پاڻ کي ٺيڪ آهن وينو وٺيندس.

اسان جي مادري زبان سنڌي هئڻ جي باوجود به اسان کي گجرات
تي ڪيڏي نه دسترس حاصل ٿي چڪي هئي، ڪيڏي نه پڪڙ اچي وئي
اسان ڪوبه نبنڌ لکندا هياسين ته ڪهڙو نه سنو النڪارڪ زبان ۾ پيش
هئاسين جڻ ڪنهن وڏي ليکڪ يا صحافي لکيو هجي ائين پيو پاس
ماستر صاحب ته دل کولي ساراهه جون سُرڪون پيا پريندا هئا.

آها اهو ڏينهن به ياد پيو اچيم. اخبار ۾ نبنڌ لکڻ جي لائي ''
ڏڪار'' جهڙو وشيه ڏنو ويو هو. جنهن ۾ منهنجي نبنڌ کي پهريون انع
هيو. ڪيڏا نه انعام مليا هئم. ڪيڏا نه آشيرواد ۽ ترقيءَ جي دعائن
وارا خط به آيا هئم. ڪاش اهي ڏينهن واپس وري اچن. ڪاش اهو
موٽي اچي! سميه جو سپ سُري وڃڻ کان پوءِ واپس نه ايندو آهي. صر
جا ليڪا من جي مٽيءَ ۾ باقي رهجي ويندا آهن جن کي ماڻهو،
رهندو آهي ۽ سٺي خراب يادن جي روپ ۾ ياد ڪري، روئندو يا کلند
آهي.

هو آڪاش ۾ ترندڙ چا پيو ٿو ڏسجي ڪو اپگره آهي يا هوائي
لڳي ٿو ته ڪو اپگره آهي هوائي جهاز هجي ته سنڌس بنيءَ جا
ڏسڻ ۾ اچن .هي ته پنهنجي رمز ۾ هليو ٿو پيو وڃي. اپگره ئي آه
صاحب جڏهن وڳيان پڙهائيندا هئا تڏهن اپگرهن جون به ڳالهيون ته
ئي هئا. چوندا هئا ته ايمريڪا ۽ رشيا وڳيان ۽ ٽيڪناڪي جي ڪيتر
ترقي ڪئي آهي. هو سپ ڪان اڳتي آهن. ۽ چوندا هئا ته هن ۾ چڙ
۽ جانور مٿيئن ماحول جو مشاهدو ڪندا آهن ۽ هنن اپگرهن جا

جڏهن بيهي سک دک جون ڳالهيون پيا ڪن ته دنيا وارا ڳالهين مان ڳالهوڙا پيا ناهين. سو سو طرح جا وهم ۽ الزام پيا ٿا گهڙي ڇڏين.

ويچاري سنهڙي ڪڏهن ڪڏهن وٿاڻ مان ڇيڻ ڪٽڻ ايندي آهي تڏهن ته ڏسڻ جهڙي ٿيندي آهي. ڪڪ پن جڻ استبڌ ٿي هن جي هر هر حرڪت کي نهاريندا رهندا آهن. انهي ۾ به پلجي جيڪڏهن ڪنهن سان به ڳالهيون ڪري ويندي آهي ته بس، پوئي ته پيا ماڻهو رائي جو پربت ناهين. پوءِ انهن الزامن جي پربت هيٺان سنهڙيءَ سواءِ بيو مري به ڪير! سنهڙي ته جڻ سڄي دنيا جي عشق جو اِجارو کڻي ورتو هجي تهڙو پيا سڀ مڃين.

ويچاري هوءَ به آخر جيئري آهي ڪيڏاهن ته هوءَ به نڪرندي يا نه. هونئن به هوءَ ڪهڙي قرڻ گهمڻ جي لاءِ نڪرندي آهي. ڪو ڪم ڪار هوندو اٿس ته پوءِ ٻاهر نڪرندي آهي. ها سندس چاچو ڪا نوڪرياڻي رکي ڏئيس ته هوءَ به ڪونه نڪرندي. ڇو نڪري ڀلا؟

نه نه هوءَ جي ڀلا ڪم ڪار سانگي گهر کان ٻاهر نڪرڻ جو بند ڪري ڇڏيندي ته واندن ماڻهن جو ڇا ٿيندو. هو ته صفا واندڪائي ۾ وينا هوندا. هنن وٽ ته ڪو وشيه ئي ڪونه رهندو. ڪنهن جي ڳالا ڪندا؟ ڪنهن جي چغلي هڻندا؟

هڪ ڳالهه ته آهي، هن سُنهڙي جي سونهن به آهي ڪمال جي. هن جي سنهڙي سندر چمپا ڪليءَ جهڙي ڪايا. ڪنهن هرڻيءَ جهڙيون وڏيون وڏيون ڪنديون ڪاريون اکيون. جنهن ۾ مٿان وري ڪجل ڪانيون ته غضب ڍائي ڇڏينديون آهن.

ساوڻ بدي جي بادلن جهڙا ڪارا ڪارا ڪارونڀار وار- ڪهڙا نه سندس حسين چهري جي اردگرد منڊرائيندا رهندا آهن. جڻ ڪي ڀنورا هجن جيڪي گل جي آسي پاسي اڏامندا پيا ٿا رهن. هن کي قدرت مهاندو ڪهڙو نه ملوڪ بخشيو آهي جڻ ته چوڏهين جو چنڊ هجي. رتا رتا سندس ڳل جن مان جواني لباڪا پائيندي رهندي آهي. اهڙو لڳندو رهندو آهي ڪمان جهڙا وريل سندس ابروءَ ۽ اکين جي ڀمبڙين جو ته چوٽون ئي ڇا، ڪهڙيون نه ناز واندزن سان ڪلنديون آهن ۽ پوربيون آهن. سندس اکيون پلي بند هجن يا کليون، هن حسن جي بُت کي جڻ ڏسندو ئي رهجي. هر ڪنهن تي قيامت ڍاهي ڇڏيندي آهي. قهر ڪري ڇڏيندي آهي.

خدا جو سُنهن ائين پيو لڳندو آهي ته هن کي خدا جڻ فرصت جي گهڙين

Chapter 3

سج جو رتو گولو ڏيري ڏيري پنهنجي سون ورڻن ڪرڻن جو سامرا
ڦهلائيندو آڪاش ۾ مٿي چڙهي رهيو هو. هر طرف چهل پهل شروع ٿي چڪ
هئي. مکڻ ماٽين جا گرڙ-گرڙ گرڙ جا آواز، پرهه ڦٽي کان ئي واتاور
گونجڻ لڳا هئا. ٻنوار پنهنجين ڳائين کي ڏوهڻ ۾ مشغول هئا. ڪاري ڪ
لاڪي... لاڪي... امان..امان...مور...مور...جهڙا منڙا نالا وٺي پنهنجي ڳا
کي ڏوهڻ جي لائي سڏي رهيا هئا. ڳانيون به اهڙيون عقل واريون هيون
جنهن جو ٿي نالو ڏڪارن ورتو اها هلي ٿي آئي. ذرا به ٻوڙا ٻوڙي يا مارام
ڪانهه هئي سيئي لائن سر پنهنجي واري مطابق ڪيلي تي آيون پئ
ڏهائي کان پوءِ واپس وٺاڻ ڏانهن موٽي پئي ويون. ڏاڍي سيبنا هئي ڳ
۾ يي. ڳانيون به ڏاڍيون سياڻيون ٿينديون آهن. اهو هنن ڳانين جي عا
کي ڏسي احساس ٿي رهيو هيو. ماڻهو به هاڻي شست ۾ ڪونهه ٿا پيا ه
هئڙي زماني ۾ هنن ٻورن کي ڏسي عش عش چوڻ کان نه رهجي سگهبو آ
واقعي هي ڳانيون اڄ جي ماڻهن لاءِ نموني روپ آهن. آدرش سمان آ
بنيءَ جا ماڻهون پلي تعليم يا ٻين ڪيترن ۾ پوئتي آهن پر ڳانيون پال
ڪو هنن کان سکي، ڪهڙيون نه قاعدي ۾ پيون هلن.

هن روجهي ڳانءِ کي ڏنب ڏنو هئم جيڪو پڇي پيو آهي. هن کي
ڳاسليت ۾ ڪوئلو ڪتي نه هٽي ڇڏيانس. ويچاريءَ کي ڏسو نه، ڪانگ
۾ ڇهنبيون هٽي حيران پيا ڪن. هي ڪانگ به ڪهڙا آهن. جهڙو تو
موقعو ملي، ڳانين کي ستائڻ لاءِ پهچي ايندا آهن. ڇهنبيون هٽي هٽي
کي رتو چاڻ ڪريو ٿا ڇڏين. ازي هوئن نه ويچاريءَ کي ڏنب به ڪين ڏ
ها، پر سندس فائدي لائي ئي نه ڏنو اٿم. جيڪر ڏنب نه ڏيان ها ته
جيئڻ ئي خطري ۾ هو.

ڪوئلا ڪتيندي ڪتيندي ڳلڻ سوچي رهيو هو.

مان يي پلجي ويس. ازي پلجي چا سُستي ۾ مون کان رهجي ويو
انهن ڪانگن جا ئي به تي ڪنب ڪٽي روجهيءَ جي سنڱن ۾ ٻڌي ڇڏيا
ڪر هي ڪانگ هِنان پچي نڪتا هئا.

ازي هي ڪانگ به ڪهڙا عجيب آهن، پنهنجا پنک ڏسي ڪ
ڪان...ڪان..ڪيو پچي ٿا وڃن. مار پوين ڪيڏا نه شڪي ۽ وهمي
بلڪل اڄ جي سنڪوچت ماڻهن جهڙا. جيئن ته اڄ جا ماڻهون ذرا به

دل ۾ ٿيو جو اڄ ذرا دوست وٽ وڃي اچان.''

''ڇا ڪيان يار واندڪائي ئي نہ پئي ملي. بابا سائين ڏٻا ڪاهي ڪجھ ڪانيا واڙ هليا ويا آهن. هاڻي مان رهيس اڪيلو، ڪم ڪار ڪي پڇي نہ پيو سگھان فرصت ئي نہ پئي مليم. اڄ سڄ پڇين تہ مرڻ جي بہ وار ڪونہ اٿم هاڻي تون ئي چئو تہ ڇا ڪريان''

ڪم تہ هلندا رهندا ماڻهوءَ کي من ۾ هوندي آهي تہ خدا ڪونہ ڪو ملڻ جو رستو تہ ڪڍي ئي ڏيندو آهي پر تنهنجي من ۾ تہ ويچار ئي نہ ايندو آهي پوئي ڇا ڪجي. اڄ هيءَ آخري ملاقات آهي. هاڻي جڏهن تون ملڻ ايندين تنهن بعد مان توڏانهن ايندس! ها بڌءِ؟ نہ ٻڌو هجيو تہ اچان بہ ڪن ڪولي ٻڌي ڇڏ، الڻ پيار پري ڪاوڙ مان چيو.

'نہ يار نہ دوستن ۾ بہ پلا ائين ٿيندو آهي ڇا؟ اهڙين ننڍڙين ڳالهين تان بہ رسبو آهي ڇا؟ ٻيلي ڪٽي معاف ڪر هاڻي وچن ٿو ڏيانءِ ائين ڪونھ ٿيندو، چوندي گلڻ معافي گھري.

'نہ يار، دل ۾ نہ رکج مان تہ يوڳ پيو ڪريان' الڻ کلندي چيو.

'هي پلا ڇا پيو ڪتين ڇا پيو ڪرين، الڻ پڇيو.'

''اڙي يار مون واريءَ روجھيءَ ڳانءِ کي جيڪو ڏنپ ڏنو هئم! اهو ڪانگن هٽي ڦٽ ٻٽائي ڇڏيو آهي. تنهن جي لاءِ تورڙي دوا پيو ٿو ناهيان. يار هنن ڪانگن سان بہ توبھ لڳي پيئي آهي. ڪوبہ ڍور بيمار سيمار ٿيندو آهي تہ مٿان وري هي هيران ڪندا رهندا آهن. جي پلا ڪو ڍور وياڻيندو آهي تہ بہ هي پڇڇي اچن ٿا. ڦرڙن جا ڪچڙا ڪر ئي ڪائي ويندا آهن. ڪير ڏوهي ڪنهن ٿانو ۾ پيا رکون تہ هن ۾ ناپاڪ چهنبيون ٻوڙي پليد ڪري ڇڏيندا آهن.

''اهو تہ جيڪي هوندو سو، ڪر خبر تنهنجي ڏونر پلا ويائي يا نہ؟

''نہ يار نہ ڏينهن تہ هن مهيني جي پندرهين تي پورا ٿي چڪا آهن. پر اڃان ويائي ڪونهي. بس هاڻي سمجھ تہ تيار آهي، ٻن چئن ڏينهن ۾ توڙ ٿي ويندو.''

''پر اها ڳالھ م پلج.''

''اها وري ڪهڙي ڳالھ؟''

''اڙي الا بس هيترن ڏينهن ۾ پلجي وئين؟ چئو ٿيو جو ياد ڏياريم. مون ڪونھ چيو هو توکي تہ تنهنجي ڳانءِ ڳابو ڪري تہ مونکي ڏج، مان هن کي سان پئي جي لاءِ سانديندس. ڏونري ڳانءِ ڪهڙي نہ ڀلي آهي. ڀتاري ڪير بہ

۾ ناهيو هجي هن جي ڪايا ۽ ڪامڻ ۾ ڪٿي ٻه ڪا ڪمي ڏسڻ ۾ نه اين
آهي. سندس ڇپن جي ته ڪهڙي ڳالهه ڪجي! ڪهڙا نه رتا رتا ڪنهن
مثل اتس. جڏهن منڙو منڙو مرڪي گلستان سامهون نهاريندي آهي ته گ
کومائجي شرمائجي ويندا آهن. ڇڻ هنن تي ڪا حسن جي بجلي ڪ
پئي هجي. هن جي نڪ ۾ پاتل چني ٻه سندس حسن کي دوبالا ڪري ڇڏين
آهي. ڪافر جواني ۾ چار چنڊ ڪلاءِ ڇڏيندي آهي.
مان هي ڇا پيو سوچيان نڪ ۾ چني ته پرڻيل ئي پائيندي آهن. سند
ته اڃان ڪنواري آهي پوءِ مان هي ڇا پيو سوچيان. انشاءِ الله اهو ڏينه
ايندو جڏهن مان پنهنجي هٿ سان هن جو گهونگٽ لاهي چني يا ڦلڙي
کي پائيندس.
آها هن جو گهونگٽ جڏهن لاهيندس، ڪهڙو نه حسين منظر هوندو،
چوڏهين جو چنڊ بادلن جي ٻُرقن کي چيري ٻاهر نڪتو هجي اهڙو
لڳندو. ڇڻ ڪو راجنيتا ڪنهن مهان انسان جي پتلي جو اناورڻ ڪري
هجي اهڙو ئي لڳندو. هيءَ ته مهان نيتا نه پر حسن جي ڪنهن حور جي
ساڪيات مورتيءَ جو اناورڻ ٿيندو.
لوڪ نيتائن جي ير ۾ ته ماڻهن جو هجوم هوندو آهي. تاڙين جا ڦ
هوندا آهن. جڏهن ته اسين ته صرف ٻه ڄڻا اڪيلا هونداسون. رات جا چمڪ
ستارا هوندا ۽ اتر پار جون سنهڙيون سرد هوائون هونديون. پوئي تاڙين
تڙ تڙ جي بدران چوڙين جي ڇڻ ڇڻ ۽ چمڪار هوندي. صرف چمين
برسات هوندي. چمين جي برسات نه، پر جهڙ هوندو جهڙ.
”اڙي يار گلڻ توکي ته جڏهن ڏسان ٿو تڏهن ڪنهن نه ڪنهن ٻ
تڏي ڇان ۾ سوچڻ ۾ غرق هوندو آهين. ايڏو پلا ڇا پيو ٿو ويچارين.“
ايندي شرط گلڻ جي ڪنڌ تي هٿ هڻي چيو ۽ گلڻ حسين ويچارن جي و
مان هڪ جهٽڪي سان ٻاهر نڪري آيو. ”اڇ يار اڇ، ويچار وري ڇا ج
ائين ئي هن ڇانوَ جو مزو ماڻي رهيو هوس. يار گهڻن ڏينهن بعد تو ٻ
ڏنا آهن. ٻڌائي پلا آهين ڪيئن طبيعت ڪيئن آهي. ڏسڻ مهانگو ٿ
آهين. اڙي صورت ڏيکارڻ جا ٻه ڪي پئسا پئسا لڳندا هجن ته اهڙي
ڪر، ڪڏهن ڪڏهن منهن ته ڏيکاريندو وڃ. گلڻ چيو.
”ڇا يار تون الٽو چور ڪوتوال کي ڏنڊي. اهڙو پيو ٽال ڪرين آ
ڪڏهن ڪڏهن اچي ٻه ويندو آهيان تو وٽ، پر توکي ڪڏهن ويچ

ڇڏيو هو. هو ته ائين ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي باقي تنهنجو ڪو ٺڪ ڪونهي هو.' ڳالهه خوش ٿيندي چيو.

'نه نه يار هاڻي بي فڪر رهه. اڄ ئي ٿو ڳائين کي وٺي مون وارين ڳائين سان ڪري ڇڏيان. بس پوئي ڇا آهي. هاڻي ته راضي.

''سنو يار سنو هاڻي دير پئي ٿئي. شام جو اترواريءَ سيم کي ڳائيون چارڻ هلنداسون. هن وڏي ٻٻر وٽ پيڙا ٿينداسين رات جو اتي ئي پاٿاري ڪنداسين.''

''ها ها اهو ته اتي ئي رات رهنداسين نه، تون پنهنجو چنگ کڻيو اچج، جهنگ ۾ چنگ وڄائڻ جو مزو ايندو.''

''ها ها ڇو نه يار اڄ ته ڪافين بيتن ڳائڻ جو به پروگرام ڪنداسين ڏاڍو مزو ايندو. هو يوسف ملي ته هن کي به چئي ڇڏج هو به گڏ هوندو ته مزو ايندو.''

''ڇٽين يار ڇٽين چئي ڇڏيندس. ڀلي هاڻي خدا حافظ. چوندي الڻ پنهنجي گهر هلي ويو. ڳالهه اڃان به هتي ئي هن ٻٻر جي ڇانو ۾ وينو ڳائين سامهون نهاري رهيو هو. اوچتو هن جي نظر سنهڻيءَ تي پيئي جيڪا هيڏانهن ئي اچي رهي هئي.

''اهو سنهڻي ڇا ڳالهه آهي اڄ ته سڄو ڏينهن گهر پئي تي ڪٽي وڃين.'' سنهڻيءَ کي اوڏي پهچندي ڏسي ڳالهه هن کي چيڙائڻ واري انداز ۾ پڇيو. هو ڳالهائي ڀلي سنهڻيءَ سان رهيو هو پر نظر ته هن جي اڃان به ڳائين ڏانهن ئي هئي. ڇو ته هن کي ڊپ هو ته متان ڪو ماڻهو ڏسي وٺي، پوئي-هو ڪانگن واري ڪان-ڪان ڪري. ها البت رکي رکي پنهنجي اکين کي سنهڻيءَ جي حسن جا درشن پئي ڪرايائين.

''اڄ ذرا سوچيم ته گهر کي راڳو ڪري ڇڏيان'' سنهڻي جواب ڏنون.''

''ڪنهن جي شادي ٻادي ته ڪونهي آهي نه؟ ڳالهه هلڪي مسخري ڪئي.''

''آهي نه! توکي خبر ڪونهي ڇا؟

''سچ؟ ڪنهن جي؟''

''منهنجي!''

''تنهنجي! ڪنهن سان؟''

''ڪاري چور سان تنهن ۾ توکي ڀلا ڇا. تنهنجو هن ۾ ڇا وڃي؟ جو پڇين ٿو؟''

''منهنجو ڇا! ڪهڙي پيئي ڳالهه ڪرين آئون ته امڙن جي سهاري پيو ٿو جيان،

تہ ڳھٹو ڏيندي آھي. '' ٻلڻ ڳانءِ جي واڪاڻ ڪئي.
''ھا يار اصل سنڌڻ، ٿري اولاد مان آھي. منھنجو ڏاڏو جڏھن سنڌ
ھت آيو ھو تڏھن چار ڳانيون پاڻ سان وٺي آيو ھو. پوءِ اللهپاڪ برڪت
جو ڏس نہ اڄ انھي اولاد جون پوريون ويھہ ڳانيون آھن ويھہ. وري پلبو
کھڙيون آھن. پنھنجي علائقي جي ٻين ڳانين جو ڪم ڪونھي تہ
ڳانين جي برابري ڪري سگھن. وري پٽاريون منيون بہ کھڙيون آھن
نديڙو بار بہ کين ڏوھي وٺي اھڙيون آھن، مجال آھي تہ پير بہ ڪٽن. جڏ
۾ بہ جڏھن چانھہ ناھڻ جي لائي يا ماني کائڻ جي لاءِ کير جي ضرورت پو
اٿم تہ لوٽو وٺي ڏونري ڏونري ڪندو آھيان تہ ٻوڙي ايندي آھي ءَ
ڪجھہ پاڙي ڏيڻ جي ڏوھي وٺندو آھيان.
''ٻلڻ پلا ممبئي کان تنھنجي ڳانءِ لاءِ ڳراھڪ آيا ھئا پوئي پلا ڇا ٿ
''ھا يار آيا تہ ھئا پر ھنن کي تہ صفا سستي ۾ ئي ڳانيون کپيون
اھڙيون تہ ٿوريون مون وٽ وڌاري آھن جو پاٽيءَ جي پاو ۾ ڏيئي ڇڏ
پلي پٽاريون بينيون ھجن. مونکي پلا ڇا ٿيون ڪن. پيئون ڦرنديون. ا
سڀ نيڪ پر ھڪ ڳالھہ تہ پلجي ويس، اھا ھيءَ تہ ٻڌو اٿم ھن ڪمون
جلد ئي نڪاح ٿيڻ وارو آھي. ڇا سچي ڳالھہ آھي.''
''يار ٻڌو تہ مون پي آھي سچي ڪ ڪوتي الله ٿو ڄاڻي. ھا ياد آيم ا
بڏاءِ اڄ ڳانين ۾ ڪيڏانھن پُھرنداسين. جيڏانھن بہ ھلٽو ھجي ھلند
بئي پيرڙا. ھو ڇاڇو آھي نہ، چوندو ھو تہ ھن جي ھڪ انور ڳابي ٻڳھڙن
ڇڏي. تنھن جي ڪري ھاٽي تہ ڳانين ۾ پھرڻ لازمي ٿي پيو آھي.''
''ڇا پيو چئين الله الله ھيءَ ويچاري ڇاڇي جي ٻي ڳابي مئي
ڇاڇو بہ آھي عجيب ماڻھو ڳھر ئي پيو ھوندو آھي ڳانين ۾ پھري
ھجي تہ ڇا ٿئيس پلا.''
'ھاٽي ويچارو ڪيڏاھن ويندو، عمر جي تقاضا آھي. الٹ ھن وي
جون ھاٽي ڳانيون رھيون بہ ڪينريون آھن. تنھنجي ڳانين جي ڇانگ
ڳڏي ڇڏين تہ ڇا ٿئي. ويچارو ڇاڇو رات جو تہ آرام سان سمھي سگھ
''يار چئين تہ سچ پيو. پئيون ڦرنديون. مونکي ڪلھي ٿي تہ ڪونھ
پونديون. ءَ بہ چار ڳانيون جي منھنجي آواڙي مان پاٽي بہ پي وٺنديون
ڇا فرق پوندو. ثواب جھڙو تہ ڪم آھي. اڄ ئي وڃي ٿو ڇاڇي جي جند
ھا منا اھو تہ واقعي ثواب جھڙو ڪم آھي مون تہ ڇاڇي ڪي ا

ڪڏهن نه ڪڏهن ته پڃري ۾ اچي ويندو. ڪٿي مفت ۾ ته ڪونهه ٿا ڳرونس، بدو ڏيئي بدو ونون ٿا. ڏيءَ جي بدلي ڏيءَ ٻيو وري ڇا.

ويچاريندي ويچاريندي هن گهڙيال ڏانهن نهاريو ته ٻارهان پئي ٿيا. هو اٿي گهر ڏي هلي نڪتو.

''جيئندو رهج، تڏهن ڏيان رکج ڪٿي لٽجي نه وڃين.''

''چري چيڻ متيءَ ۾ هٿ وجهي راڳو ڪري بيمار نه ٿي پئين. هڻ ڳ
هنن راڳن کي، هڙا سندر هٿ توکي قدرت چيڻ ۾ وجهڻ لاءِ ٿورا ڏنا آ

''ته هان وٺ تون ڪڻ مان ڇڏيان ٿي.''

ائين ٿورڙي هلڪي ڪل ڪيتي بعد سنهڻي چيڻ جو پريل ٿالهو متي
ڪٽي گهر ڏانهن هلي ويئي. ڳلڻ وري به ويچارن ۾ ڪوهجي ويو.

سچ سنهڻي، جي ڪنهن سان مائٽي ته ڪونه ٿي وئي آهي. سچ سند
ڪنهن سان پرڻجي ته ڪونه ويندي. اڙي هوءَ جو ٻئي ڪنهن سان پرڻ
ويندي ته منهنجو ڇا ٿيندو آئون ڪيڏانهن ويندس. نه نه هوءَ ائين ڪ
نٿي سگهي هن ته مونکي وچن ڏنو آهي. واعدو ڪيو آهي.

عورت جو وچن ڀلا ڪهڙو، اهو به وري هن هڙي سنکوچت سماج ۾
سماج ۾ ڀلا استرين جو هلي به ڇا سگهي ٿو. هو ته هن سماج ۾ ٻنهي پيرن
ٻڌل آهن، مجبور آهن، ڇا ٿيون ڪري سگهن.

سندس چاچو آهي نه جيڪو ازرائيل جهڙي اکين وارو. جنهن جون ر
اکيون ڏسي جهڙي تهڙي جو ته ڪم ڪونهي، موتيا ئي مري ويندا
خير قسمت جي لکئي کي ڪو ميٽي ناهي سگهيو. اهو ته ٿي ئي ر
آهي. البت هن جي پراپتيءَ لائي ٿوري گهڻي محنت ضرور درڪار
اسان جي ڌرم پراڻن ۾ به ته اهڙو ئي ڪجهه چيل آهي ته الله به انهي
ڏئي ٿو جيڪو ڪوشش ڪندو آهي. مونکي به سنهڻيءَ کي حاصل ڪر
لاءِ ڪوشش ته ڪرڻي ئي پوندي. نه ته پوئي پنهنجي ڀيڻ کي سنهڻي ج
سان پرڻائي بدو (بدلو) ڏيئي به شادي ته سنهڻيءَ سان ڪندس. ٻئي جو بدو
شادي ڪرڻي اهو به ڪو ڇڱون ڪونهي. اسان جي ڌرم، مذهب ۾ به انهي ڳالھ
اجازت ناهي. پر ڇا ڪجي سنهڻيءَ کي هٿ ڪرڻ جي لاءِ ته اهو سڀ ڪر
پوندو. بابا ڪانياواڙ مان موٽي اچن پوءِ الڻ جي پيءُ جي وصيلي اها ڳالھ
هلائڻي پوندي.

بابا سائين ته ويچارا سڌا سنوا سلجهيل انسان آهن. هو ته ڪا ر
ڪونه ڪندا. پر سنهڻي وارو چاچو خطرناڪ آهي. هو راضي ٿئي ته ڳا
۾ اچي. سنهڻي جو پيءُ ته ويچارو شريف انسان هو. روزن نمازن جو ڪ
پابندي هئو. پر سندس چاچو ٻيون ته ٺهيون پر جمعي جي نماز به نه پ
آهي. ڪهڙو نه شيطان آهي. آخر هو به سماج کان ڪيڏانهن پڇي س

کائي خوب کير ڏڏ ڏينديون.

”شاباس بارو شاباس، توهان تہ هي خيرات وارو ڏاڍو سنو ڪم ڪيو آهي، ونو هي ڏهہ روپيہ ٽڪيون وٺي کائجو، ۽ پوئي وري سيئي گڏجي الله کي مينهن وسائڻ جي لائي سنائجو.“

خدا جي ڪرڻي ته ادا جزيل وڃي وريام جي اوطاق پهتو. ه
وريام جي اوطاق تي ڳوٺ جا ناميارا ماڻهو وينا هئا. سيئي ويچارن

ڪوشش ڪرڻ جي سزا ڏيڻ ئي گهرجي. پوءِ چاهي هن کو ڪوجهو ڪم
ـ ڪيو هجي. هن کي ٻن ورهين جي لاءِ نات نيڪاليءَ جي سزا ۽ پنج سو
ين جو ڏنڊ بہ ڪيو وڃي ٿو. ٻن ورهين جي مدي لاءِ هو هن ڳوٺ ۾ پير بہ
زي سگهندو ۽ هن فيصلي تي سياڻي کان عمل شروع ٿي ويندو. جو هن
لي جي حڪم عدولي ڪئي ويندي تہ وري پنچ ويهندا.
''ها ها اسان سيني کي اهو فيصلو منظور آهي. هجڙن نالائق ڇوڪرن کي تہ
ملڻ ئي کپي'' سيني هڪ آواز ۾ چيو.
محفل کي برخواست ڪيو ويو. سيني ماڻهن کي چانهہ ناشتو ڪرايو ويو
ل تہ ڪهڙن ارمانن سان آيو هو ۽ ڇا ڪٿي وڃي رهيو هو. گلڻ جا ماءُ پيءُ تہ
ھن سٺي خبر جي انتظار ۾ وينا هئا. ۽ جڙيل جي راهہ ڏسي رهيا هئا. جڙيل
دور کان ايندو ڏسي ٻنهي جي من ۾ ويچارن جي اٿل ٿيڻ لڳي تہ الاجي
ڙو جواب مليو هوندو. وريام 'ها' چئي هوندي يا 'نہ' ڪئي هوندي. ۽ جي
ڪئي هوندي تہ بہ ڪهڙن شرطن سان.
نن کي سو طرح جا ويچار من ۾ اچي رهيا هئا. اينري ۾ قدرت جي
ي تہ جڙيل اچي پهتو. اچ ادا جڙيل اچ هن پاسي کٽ تي ٽانئيڪو ٿي
. خير تہ آهي تنهنجو مُنهن تہ ڏاڍو ڪاوڙيل ٿو لڳي. ڪهڙي ڳالهہ
وريام ڪهڙو جواب ڏنو. گلڻ جي پيءُ چيو.
ها ها ادا جڙيل خير تہ آهي. هي توهان جو چهرو هيڏو بدلي ڪيئن ويو
'' گلڻ ماءُ اتاولي ٿيندي چيو.
ڇا نہ ٿيو آهي تنهنجي ڳالهہ پڇو، ڇا ٿيو آهي تنهن جو ڇا پڇي رهيا
توهان جي نالائق ڇوڪري سڄي ڳوٺ جي عزت تي ڏبو هڻي ڇڏيو
سڄي ڳوٺ جي عزت جا ٽڪرا ڪري ڇڏيا اٿس. هڙي ڪپوت کان تہ
ر ڄڻيو ها تہ سٺو هو. پٽ کي ڪو لڳڻ تہ آهي ڪونهہ ۽ مونکي پيا وري
ءَ لائي هليو.
ر ٿيو ڇا آهي ڪجهہ تہ ٻڌايو تہ خبر پوي''. گلڻ ماءُ چيو. تہ ٻڌو هي ۽
ل توهان جي پٽ جي ڪارنامن جي. ڇوندي هن سڄو قصو ڪيئن جئي
ءِ ڪيس چناءُ ڏيندي چيو.
هان جي نالائق پٽ ئي هينئر ئي هنئر ڪبرا لتا ڏيئي ڳوٺ کان ٻن
ي لائي ڪڍي ڇڏيو ۽ چئوس تہ سزا پوري نہ ٿئي تيستائين ڳوٺ ۾ پير بہ نہ پائي.'
ئي منهنجا مولا، توهان هي ڇا ٻڌائي رهيا آهيو. منهنجو ڇوڪرو تہ

گهر جي گند ڪچري کي هن ڪهاڙيءَ سان برابر تو ڪري ڇڏيان. سنهڻ
جي سسيءَ جو رت هن ڪهاڙيءَ جو پنو چکي تہ بس. هجڙي نالائق ڌيءُ ج
پلا نہ ڄائي هُئي تہ ڇا ٿيو هو.'' وريام رڙ ڪري چيو.

'وريام سانت ٿيءُ، ڪجهہ بہ ناهي ٿيو. سنهڻي ڏاهي ڌيءُ آهي. ه
هجڙي ڪابہ غلطي نٿي ڪري سگهي. هوءَ قسم پيئي کڻي تہ هوءَ ڪنهن
ڪوجهي ڪم کان پريءَ پاڪ آهي. اسين ڳوٺ جا پنچ آهيون. فيصلو ڪ
اسان جو فرض آهي سڀ ڪجهہ نيڪ ٿي ويند.' ونهيل چيو

ونهيل جون دلداريون ٻُڌي وريام ڪجهہ شانت ٿيو. هُن هڪ ڊگهو س
ڪنيو. هو ويهي رهيو. هن جون مُڇون اڃان بہ ڪاوڙ وچان ڦرڪي رهيو
هيون پنچن جي ڪارواهي شروع ٿي.

ها تہ پنچ حضرات هن گهٽنا جو وريام پاڻ اکين ڏٺو شاهد آهي.
پنهنجي اکين سان گلڻ کي دريءَ مان ٽپو ڏيندي ڏٺو آهي. اڄ چوڏهڻ
چنڊ جي اڃي کير جهڙي چاندوڪي ڌرتيءَ تي ڪڙيل هئي هن لائي وهم
گمان جو ڪوئي سوال ڪونهي، وريام پاڻ ئي گلڻ کي سڃاتو آهي. صبح
هن پيري جي ڄاڻن کان تفتيش بہ ڪرائي آهي. هن لائي شنڪا ۾ ڪو
ناهي. صرف سزا طئہ ڪرڻي آهي تہ هن کي ڪيتري سزا ڏيڻ کپي. هُن
سختيءَ سان عمل ٿيڻ کپي. پنچن جي صدر چيو.

''هجڙو حادثو اڳ ڪڏهن بہ پنهنجي سماج ۾ ناهي ٿيو. تنهن جي ڪ
هن کي سخت ئي سزا ڏيڻ گهرجي.''

ها توهان جي ڳالهہ سچي آهي. هن کي سزا تہ ڏيڻ ئي کپي. ب
هڪڙي ڳالهہ هيءَ تہ سيني کي خاطري ڏيڻي پوندي تہ جنهن جي بہ
عمر لائق ٿئي تہ سودي‌ساٽي جي بنان جلد کان جلد پرڻائي ڇڏين. ڏسو ن
بدلي جي برائي جي ڪري ئي تہ ڪيترا نہ ڇوڪرا ڇوڪريون ڪنوارا
آهن. تہ پوئي هجڙا ڪم نہ ٿيندا تہ ٻيو ڇا ٿيندو. هي قصو بہ انهي س
جي هڪ ڪڙي آهي. اڄ هن ڳالهہ جو بہ فيصلو ٿي وڃڻ گهرجي هاڻي
بدلي واري تريقي کي اسان تلانجلي ڏيون ٿا.

ڪافي دير تائين هن مسئلي تي ويچارن جي ڏي وٺ هلندي رهي
پنهنجن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. آخرڪار پنچ هن فيصلي تي
پنچن جي صدر فيصلو ٻڌائڻ شروع ڪيو.

ها تہ هتي وينل تمام پنچن يڪرائي هن نتيجي تي پهتا آهن تہ گل

لائي ذهني طور تيار ٿي ويو. زندگي اڃان بہ منهنجي صبر کي آزمائڻ
ي ٿي. مان سنهڻيءَ خاطر هن ڪاهيءَ مان بہ اڪري پار پوندس.
ٽس ڪٽ تي پونگي جي پاڇي ۾ ويچارن ۾ غلطان وينو هو.
اڻس گلڻ جا ڪپڙا لٿا هڪ ٿيلهيءَ ۾ وجهي گلڻ وٽ ڪٽي آئي. ۽ چوڻ
وٽ پٽ هي تپڙتاڙي اسان کي خبر آهي تہ تون پاڪ آهين ڪنهن بہ
ہ ڪان، پر ابا سماج اڳيان اسين مجبور آهيون، لاچار آهيون. اسان ڪان
هہ بہ لڳي پڄي نٿو سگهي. اسان تہ جڙيل کي سنگ لاءِ موڪليو هو پر هي
ا مان چا ٿي پيو. سنگ جي بدلي سزا جا سماچار ڪٽي آيو. ڇگو پٽ خط
پيو لکجانءَ اسين بہ توکي وقتن فوقتن ملڻ پيا ايندا سين. چوندي ماڻس
جي نراڙ تي پيار مان چمي ڏني. هن جي اکين مان آنسون جاري ٿي ويا.
گلڻ جي نراڙ کي پڄائي ڇڏيو.
س امان جيڪو هيو نصيب ۾ سو ٿيو. قدرت جي ڪرڻيءَ کي آخر ڪير
ڪي سگهي. هيءَ بہ هوندي شايد ڪن عملن جي سزا. چوندي گلڻ بہ
ڪي نہ روڪي سگهيو. سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.
ج پٽ وچ جوان پٽ جي اکين مان آنسون مون ڪان نٿا سنا وڃن. پٽ
چو ٿو مرد ماڻهو روئندا نہ آهن. وچ منهنجون دعائون تو ساڻ آهين
تنهنجي حفاظت ڪندو. ڌل ڪوسو واءُ بہ نہ لڳندي. ابا روئڻ تہ اسان
جو ڪم آهي. مرد ماڻهو ناهي روئندا آخر ٻن سالن جي نہ ڳالهہ آهي.'
امان مون اهو ڪم بلڪل نہ ڪيو آهي. تنهنجي باوجود اوهان جي
اڃائن، عزت ۽ خاندان کي جيڪو ڌڪ لڳو آهي تنهنجي لاءِ آئون
ڪان پيرين پئي معافي ٿو گهران. امان سماج ڀلي ڪجهہ بہ سوچي.
ماڻهن جا پڇا ڪيئن نا ماڻهن بند ڪري سگهجن. پر توهان هرگز اهڙو نہ
و. مون تي ڀروسو رکجو نہ نہ مان جان ڏيئي ڇڏيندس. جا امان سنهڻيءَ
ن دل سان چاهيان ٿو. جو ءَ بہ مونکي چاهي ٿي. هڪ ٻئي ٻي چاهڻ کي
اهہ تہ ڪونهي. اسان جي چاهت کي اسان ڪان ڪوبہ ٻسي نٿو سگهي
هي تہ اڃان بہ مون لائي ڪوشش ڪجو.'' گلڻ چيو.
جا ٻول ٻڌي گلڻ ۾ اڃي ڪلان جيڏو سارو ٿوڻ جي جسمت اڃي وڃي.
نہ اسان تنهنجا مائٽ آهيون. اسان توکي ٻنهي جي هنج ۾ ڪرائي
وڌو ڪيو آهي. اسين تنهنجي رڳ رڳ کان واقف آهيون.
سپ ڪجهہ نيڪ ڪندو. خط پيو لکجانءَ.'

سلڇڻو آهي ته هن هرگز هڙو ڪم نه ڪيو هوندو. هو ته غريب ڳالهه ج
آهي. هن کي ته توهان به چڱي طرح سڃاڻو ٿا ڇا هو ائين ڪري سگهي
اڙي الله اسان جو ڪير ڏٺي ٿيندو اسين ٻڌڻا ڪيڏاهن وينداسين.؟' ج
تي سگهي ٿو هو سنهڻيءَ سان مليو هجي. هو هڙو ڪم ته هرگز نٿو ڪ
سگهي جڙيل ڪجهه ڪر. هن جي سزا جي معافي لائي ڪجهه سوچ. منهن
پٽ ٻنان ته مان جان ڏيئي ڏيندس.'' سندس ماءُ روڄ راڙو ڪرڻ لڳي.

ادي جيڪي ٿيڻو هو سي تي چڪو هاڻي جلدي ڪيو. هن کي هتان ڪان
ڪيو نه ته توهان جي، لائي سنو ڪونهه ٿيندو، متان هڪڙيءَ مان ٻي تي پو

'هائي الله هي ته سچ پچ هڪڙيءَ مان ٻي تي پيئي. هي مان ڇا ٻڌي
آهيان.' هوءَ وري روئڻ ۾ چتڪي.

سندس گهر وارو ته بس اکيون ڦاڙي جڙيل کي ڏسي رهيو هيو. هن
سمجهه ۾ نه پيءَ آيو ته هو ڇا چوي.

'ها هاڻي ڳلڻ کي موڪلڻ جي تياري ڪر. پنچن جي عزت جو سوال
ڪٽي پاڻ کي به نه هن جي غلطيءَ جي سزا پوڳڻ جو وارو اچي. ڳلڻ ما
هي ڇا ڪيو هن ته اسان جي عزت جو به خيال ڪونهه رکيو. نالائق کي
ڪر هتان ڪان هڪالي ڪڍينس.'' ڳلڻ پيءُ ٿورڙو ڪاوڙجندي چيو.

'ڳلڻ پيءُ هن گهڻنا جا پاڻ جوابدار آهيون. پاڻ به ڪو ٿوڙ ڪر
سگهياسين آخر هي ڏينهن ڏسڻو پيو. جيڪي ٿيڻو هو سو تي چڪو. شاي
هي ڪم نه پي ڪيو هجي. پر هاڻي ڳالهه هتان نڪري چڪي آهي
هاڻي هن ۾ ڪجهه به ڪرڻ کان قاصر آهيون.'

'ها توهين ٺيڪ ٿيا چئو. هن هي ڪم ڪيو هجي يا نه پر هيئنر هو ڦ
آهي. هن کي سزا پوڳي ئي ڇوٽڪو آهي.' جڙيل چيو.

'ڳلڻ ير واري ڪمري ۾ سڀ ڪجهه ٻڌي رهيو هو جيئن جيئن تي
ڳالهيون ڪيون تيئن تيئن هن کي پگهر پسايو پئي. هن جو سڄو شر
وچان ڏڪي رهيو هو.

هن سوچيو ته ڪمري مان ٻاهر نڪري پنهنجي صفائي پيش ڪري
ته مون کان ڪو اهڙو ڪم هرگز نه ٿيو آهي. آئون ته صرف هن کي م
لائي ويو هوس. باقي ڪنهن به خراب ڪم جي باري ۾ قرآن کڻي وڃا
پر وري به هن پڻس جي ڊپ کان ٻاهر نڪرڻ مناسب نه سمجهيو پ
معاملي جي نزاڪت کي سمجهيو پيءَ. هو سزا کي دل سان سويڪاري

Chapter 15

گلڻ هتي آيو تنهن کي لڳڀڳ پنج ڇهه مهنا ٿي رهيا هئا. هن کي گهر ڏائڻ بعد هن اچي ڪانياواڙ جي انهي ڳوٺ ۾ پناهه ورتي هئي جتي هو ڪار ۾ ڳانيون وٺي ويو هو.

پونم جي رات، ڦڳڻ مهني جا ڏڏڙا ڏڏڙا واءُ، هو اڄ ڪيت ۾ ڪٽ ڍاري مهبو پيو هو. هوئن ته هو روز شهر ويندو هو ۽ شهر جي هڪ فيڪٽريءَ ۾ ڪم ڪندو هو. ڏينهن سڄو شهر ۾ ڪم ڪرڻ بعد رات جو واپس ڳوٺ ۾ وٽي ايندو هو. هن کي شهر ۾ مزو نه پيو ايندو هو.

صبح جو سويل هو ڳوٺان نڪري ويندو هو ۽ شام جو واپس ڳوٺ هليو ايندو و. آڪاش ۾ پونم جي ڪڙيل چنڊ کي ڏسي هو ماضيءَ جي مڌر يادن جي هنگل ۾ ڪوهجي رهيو هو. هن کي ڳانيون، نچندڙ ڪڏندڙ ڳابا، پاڻي ڀرڻ ي لائي ويندڙ پڻيهاريون، ڳوٺ جا مالوندا ماروئڙا، سانگيئڙا، ڪوهه، جهل، و، جهنگل جي هن کي شدت سان ياد اچي رهي هئي. هن جو من انهن يادن ي تپش ۾ ڪنهن مڇيءَ جيان تڙڦڻ ڦتڪڻ لڳو هو.

هي چنڊ اڄ به تنهنجي اهائي چانڊوڪي آهي جنهن جي روشنيءَ ۾ چاچا يام مونکي ڏسي ورتو هو. پر اي چنڊ توکي قسم تنهنجي مڌر چانڊنيءَ جو ن سچ سچ ٻڌائي ته ڇا مونکان ڪا غلطي سرزد ٿي آهي. ڇا اسان ڪان ڪو وجهو ڪم ٿيو آهي، ته پوئي تو پنهنجي چانڊوڪي پڪيڙي اسان کي ڇو ڪڙايو. اسان ڪهڙو ڏوهه يا گناهه ڪيو آهي. ڇا پيار ڪرڻ گناهه آهي؟ ڇا ڪ ٻئي کي چاهڻ ڪو ڏوهه آهي؟ اسين ته صرف هڪ ٻئي کي دل سان هيندا هئاسين محبت ڪندا هئاسين. اسان جا ڪٽي کي آڏا رشتا ته نه ا.

منهنجا قربدار توکي ته شاهه صاحب به پنهنجي ٻيٽن ۾ ور ور ڏيئي ڇايو آهي توسان ڳالهيون ڪيون آهن تو سان سور سليا آهن اسان به ته نهنجي چانڊاڻ سان گڏ هڪٻئي جي ارمانن کي هارايو هو. هڪٻئي جي دل ي بارن کي هلڪو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. آٿت ۽ دلداري ڏني ي.

منهنجا چنڊ اسان جو پيار تنهنجي شفاف و صاف چانڊوڪي جيئن، ف، سوچ ۽ نرمل آهي. پاڪ ۽ پوتر آهي. اسان جي من ۾ ڪو پاپ يا بد دو ڪونهه هو، ويرڻ دنيا کي اسان جي محبت ۾ پاپ لڪل لڳن ٿا.

گلڻ ٿيلهي ڪلهي ڪري هلي نڪتو، ماڻس ۽ پٽس هن کي اداس
سان ڏسندا رهيا جڻ سندن ارمان اکين کان اوجهل ٿي رهيا هئا.

ڏينهن اهو بہ ايندو جو سيني اڳيان ڏڏ جو ڏڏ ۽ پاڻيءَ جو پاڻي تي
ندو. پوئي ڪير آهي جو اسان جي پيار کي روڪي سگهندو.
چند ڪجهہ دير جي لاءِ مڪمل گرهڻ ۾ رهڻ بعد وري پنهنجي اصلي
پ ۾ اچي رهيو هو. ننڍ تہ ڳالهہ جي اکين مان الاجي ڪيڏانهن هلي ويئي
ي. ڳالهہ اکيون بند ڪري سمهڻ جي ڪوشش ڪئي پر ننڊ مهربان نہ ٿي.
جو من هڪ بيچيني جو انبو ڪري رهيو هو.
اجان تہ صرف پنج ڇهہ مهنا گذريا آهن. جيڪي جڳن جهڙا پيا ٿا لڳن بہ
ورهيہ پلا ڪيئن پسار ٿي سگهندا.
دنيا جا فلسفي مڃيندا آهن تہ ڏکن تڪليفن ۾ ڌرم هڪ وڏي هٿيار جو
ڏيندو آهي. ڌرم جو شرڻ وٺڻ سان اڌ غم هلڪا ٿي ويندا آهن. تڪليفن
راحت ملندي آهي.
آئون بہ گهٽو آوارہ گهميس، هاڻي ڪان مان نماز پڙهڻ جي شروعات
ندس. هينئر ڪان ئي شروع ٿو ڪري ڇڏيان.
هو ڪٽ تان اٿيو. وضوءَ ڪيو. پنهنجو رومال، ڪيت ۾ ڪليءَ چانڊوڪيءَ
جائي الله سامهون هٿ ٻڌي حضور ۾ بيهي رهيو. چار رڪعتون نماز پڙهڻ
ن بہ ڪلاڪ ڪري ڇڏيا. سلام ورائي هو تسبيح پڙهڻ لڳو. واهہ ڪيڏو نہ
ءِ لطف پيو آهي نماز ۾. من جا سيئي بار هلڪا ٿي ويا. سڀئي رنج غم
فور ٿي ويا. سوچيندي هو پنهنجا هٿ خدا جي حضور ۾ ڦهلائي دعائون
ڻ لڳو.
اي جڳت جا ڌاتار، اي سرشتيءَ جا سرجڻهار، اي خلق جا خالق اي پر
پنجن تون رحيم آهين ڪريم آهين تنهنجي ڪرپا ۽ ڪرامت اپار
. تون منهنجي من کي شانتي ڏي. تون مونکي روزن نمازن جو پابند
ي. تون مونکي سڌي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي نہ تہ مان
د ٿي ويندس.
ا خدا تون مونکي صبر ڌيرج ۽ تحمل عطا فرمائي. تون مونکي ۽ منهنجي
ن کي سهي سگهڻ شڪتي ڏي. تون منهنجي حالتن تي نظرثاني ۽ مهرباني
. تون منهنجا سوال ۽ مشڪلون حل ۽ آسان فرمائي. بيشڪ تون وڏي سگهہ
مالڪ آهين تون جيڪا ڪرين سان ٿري. منهنجا رب تون منهنجي من
کي سنجهيءَ جو ديدار نصيب ڪر. منهنجو مانءِ جي سان يقيني بنائي.
سماج ۽ معاشري کي صحيح سمجهہ عطا ڪر. تون سهارو نہ ڏيندين تہ

اڙي هي ڇا! چنڊ جو هڪ پاسو ڪارو ٿيڻ لڳو آهي. لڳي ٿو اڄ چنڊ گرهڻ
آهي ڪاراڻ وڌندي پئي ٿي وڃي. هن چنڊ کي ڪارو ٿيندي ڏٺو، ۽ هن جي
منهن مان اهي الفاظ ترڪي پيا.

ڏسندي ڏسندي چوطرف انڌڪار جي ڪاري چادر ڌرتيءَ تي ڦهلجي وئي
چنڊ برابر ڪپار تي هو پر چوڌس ڪاراڻ هئي اها هڪ عجيب و غريب ڳالهه
هئي.

آهه! مان پاڻ کي پاڪ پوتر ٿو سمجهان، هن چنڊ کي ته ڏسو هن ور
ڪهڙا گناهه ڪيا جو هن کي به پنهنجي ڪاري مُنهن جو دنيا کي درشن
ڪرائڻو ٿو پوي.

سچي ڳالهه آهي. ماڻهوءَ جي قيمت به تيسيئن آهي جيسيئن ماڻهو
کي پاڪ ٿا سمجهن. ذرا پي من ۾ ڪو شڪ جو ڪيڙو گهر ڪري وڃي ٿو
ماڻهوءَ جو جيون برباد ٿي وڃي ٿو.

هي چنڊ گهڙيءَ پل اڳ ڪهڙو ٽمڪيو جرڪيو پئي. پرڪرتيءَ جي
شيءِ هن جي شيتل چاندوڪيءَ ۾ وهنجي مزو ماڻي رهي هئي ۽ هن
گهور گهوران ٿي رهي هئي پر جيئن ئي هن ڪارو رنگ اختيار ڪيو هر شيءِ
هن کان ٻڇي رهي هئي ڪارو رنگ ڪيڏو نه خراب ۽ منحوس آهي، هر ماڻهو
هر شيءِ هن کان نفرت ڪندي آهي.

هن دل جو به اهو ئي معاملو آهي. دل چاهي ڪيتري به صاف ڇو نه هجي
پر جڏهن به جوان ۽ حساس دل پاڻ ۾ ملن ٿا، تڏهن هڪ انوکي اڇائن
ڪاري داغ کي شيطان دلين ۾ وڌائڻ لڳندو آهي. هوريان هوريان دل سمو
ڪاري ٿي ويندي آهي ۽ پوئي انسان بديءَ برائيءَ جي ڄار ۾ ڦاسي پئي

مان سنهڻيءَ سان ملندو هوس تڏهن به ائين ئي ته ٿيندو هو. پهرين
پيڙو ٿيڻ جي امنگ من ۾ رهندي هُئي، ۽ ملڻ بعد هڪ چمي ڏيڻ جي اڇا
۾ انگ موڙي اٿندي هئي ۽ چميءَ بعد الله رحم ڪري اهڙي بري تمنا
ڪندا ڦٽڻ لڳندا هئا. هي ته سنو ٿيو جو سنهڻيءَ جهڙي سمجهو ڇوڪري
سامهون هئي ڪ جنهن هميشه پنهنجي ارمانن اڇائن کي قابو رکيو. ڪڏهن
به بي لغام نه ٿيڻ ڏنو.

ماڻهن موهنڪي حد پار ڪيو آهي جنهن جو موهنڪي ذرا پي ڏک ۽ افسوس
آهي. ڪارڻ نه مان نردوش آهيان. نرپاپ آهيان. ماڻهو چاهي ڪجهه
سوچين ڪجهه پي سزا ڏين، پر موهنڪي منهنجو مولا ضرور سنو بدلو ڏيندو

ئلڻ ڪاغذ جي ايڊريس پڙهي، هي خط سندس ماءُ لکيو هيو.
ئڊريس پڙهندي ئي ٻلڻ جون اکيون آليون ٿي پيون. هو خط وٺي ٻاهر
رڻ لڳو. ٻلڻ توکي گهر ناهي وڻٽو ڇا؟ وڻٽو هجي ته پلي وڃ گهران ڪجهه
هن گهمي ڦري اچ. مئنيجر چيو.
ٻلڻ هينئر ڪجهه به چوڻ کان قاصر هيو. هو وڃي وري به نم جي هينان
ب تي ڇانو ۾ ويهي رهيو. ڪن پل لاءِ خط کي ڏسندي رهيو. پوئي هن خط
سينو چاڪ ڪيو ۽ منجهان چٺي ڪڍي پڙهڻ لڳو.
پيارا پٽ ٻلڻ توکي شل خدا هر تڪليف کان محفوظ رکي ۽ هر بلا کان
نجي رکشا ڪري. اهڙين انتر ۽ اندر جي دعائن سان لکندڙ تنهنجي
ي ماءُ جا جهجها جهجها جوهار.
بت شل خوش باش هجين. تنهنجي طبعيت جو خيال رکجانءِ جان آهي ته
ن آهي. تو بنان ڪجهه به نٿو وڻي پر ڇا ڪجي. ماڻهو آخر وقت جو غلام
و آهي جيڪي ٿيڻو هو سو ٿي چڪو. هاڻي دل نه لائج. سچائي ۽ ايمانداري
وت پاڻ سان هميشه ٻڌ رکجانءِ. ڪٿي منهنجي ڪُک نه لڄائجي پنهنجو
رکجانءِ. هوئن ته توتي مونکي پورو پورو وشواس آهي پر لکڻ جي خاطر
ب لکان پيئي هت پنهنجون منڙيون ڳانيون توکي ساري رنيندڙيون رهنديون
. پڻهين جي طبعيت به نيڪ آهي. هن کي جلد توڏانهن ملڻ جي لاءِ
لبندس اسان جي ڪائي چنتا متان ڪرين.
تنهنجي منڙي ماءُ
اءُ جي خط هن کي بيچئن ڪري ڇڏيو. هو يادن جي گهرائي ۾ ٻڏڻ لڳو.
کيون پوري پنهنجو مٿو نم جي ٿڙ سان ٽيڪي خط کي ڇاتيءَ سان لائي
رهيو. وقفو پورو ٿيو. ماني کائي سڀ ڪم تي چڙهي ويا. ٻلڻ پنهنجو تفين
به کين هن خط لفافي ۾ وجهي کيسي ۾ رکيو ۽ ڪم جي لاءِ اٿڻ لڳو.
و ٻلڻ اڄ تون ڪجهه ڪاڏو ناهي. مان ڊري مان ڪڏهن کان ئي توکي
رهيو آهيان. ڇا خط ۾ ڪي ماڻيون خبرون آهن ڇا؟ تون هيڏو اداس ڇو
يو آهين. مئنيجر ڪائنس پڇيو.
نه سائين خبرون مڙيئي خير جون آهن. خط منهنجي ماءُ جو آيو آهي سڀ
ٿ آهي. بس ائين ئي مان ماضيءَ ۾ ڪوهجي ويو هوس باقي ڪائي ڳالهه ڪانهي.'
نه ٻلڻ آخر ڪو ته ڳالهه آهي تون مون کان لڪائين ڇو پيو. مان ته
خوشيءَ جي خبر ٻڌائڻ آيو هوس. پر هن غمگين واتاورڻ ۾ ٻڌائڻ سان

آئون بي سهارو ٿي ويندس، نراڌار ٿي ويندس. منهنجي ارمانن جو آکي
دنيا جي تيز هوائن ۾ وکري ويندو. مان برباد ٿي ويندس تون مون تي رح
ڪر تون منهنجا گناهه معاف ڪر.

اڄ ڪان وني نماز پڙهڻ جو وچن ۽ واعدو تو ڪريان ٿو انهن کي پو
ڪرڻ جي شڪتي ۽ سگهه ڏي. دعا گهرندي گلڻ الله جي ياد ۾ بلڪل غلط
ٿي ويو. هن جون اکيون آليون ٿي پيون اکين مان پاڻيءَ جا بند ٽٽي پيا.
جي دل اڄ ڏاڍي نست ٿي پئي هو. سنهڻيءَ گلڻ ڪڏهن ڪڏهن نه هڪ ٻ
اکيان روئي پنهنجا دک درد هلڪا ڪري وٺندا هئا. هاڻي نه هو ٻئي ڪو
پري هئا. گلڻ کي پنهنجي غمن کي هلڪو ڪرڻ جو هي نئون رستو مليو
هو.

دعائون نمازون ختم ڪرڻ بعد جيئن ئي هن سُمهڻ جي ڪوشش ڪئي
کيس جلد ننڊ اچي وئي.

صبح جو سويل اٿي وهنجي تيار ٿي بس ۾ چڙهي پنهنجي ڊوٽيءَ
هليو ويو ۽ وڃي پنهنجي ڪم ۾ جنبي ويو. فيڪٽريءَ ۾ ڪم ناهڪي نمو
محنت ۽ ايمانداريءَ سان ڪندو هو. جنهن جي ڪري مئنيجر به هن
خوش رهندو هو. ڪوبه فنڪشن وغيره ٿيڻو هوندو هيو نه هو هن کان ص
مشورو پيو وٺندو هو ۽ هو سمورو ڪم سنڀالي وٺندو هو.

اچانڪ ڊگهي وقفي جو گهنڊ وڳو. سيئي ڪمدار ۽ مزور پنهنجا پنهن
ڪم ڇڏي فيڪٽريءَ مان ٻاهر نڪتا. پنهنجا پنهنجا ٽفن کولي ماني ک
جي شروعات ڪئي.

گلڻ هٿ ڌوئي گرڙي ڪري نم جي ٿڌي ڇانو ۾ وينو هو نه پٽيوالو
هن ڇيو نه مئنيجر صاحب توهان کي سڏي ٿو.

هن جي من ۾ سو ويچار اچڻ لڳا. مئنيجر کيس ڇو سڏ ڪرايو آهي
سوچڻ لڳو، هو جوتا در ٻاهران لاهي اجازت وٺي اندر داخل ٿيو.

’سائين توهان مونکي ياد فرمايو؟‘

’ها گلڻ مون ئي توکي هت گهرايو آهي ڪو خاص ڪم نه هيو. وٺ
تنهنجو خط آيو آهي ۽ ها هي تنهنجي لائي مان ديواليءَ جي موقعي
ڀيٽ وٺي آيو آهيان. مون سيني مزورن کي ڪا نه ڪا ڀيٽ ڏيڻ جو طئه
آهي سوچيم نه شروعات تو جهڙي جفاڪش ماڻهوءَ کان ئي ڪجي.‘

’سائين توهان جا ٿورا، وڏا وڙ. ڇوندي هو خط ۽ ڀيٽ سويڪار ڪيا. ‘

''اوهو گلڻ تو جهڙي ماڻهوءَ تي بہ دنيا کي ڀروسو ناهي. ڇا تي رهيو
ي. شايد ڪلجگ آهي. نہ تہ هئڙو ڀلا ڪيئن ٿئي. مونکي اگر تنهنجي
ي ۾ ڪو پڇي تہ بلاشڪ تنهنجي پاڪائيءَ جو ثبوت پيش ڪريانو.
'اهو تہ آهي سائين پر اها تہ سماج جي ڳالهہ آهي. جهڙا مُنهن تهڙيون
هيون ڪيترن جي مُنهن کي تالا لڳائجن.'
'گلڻ هاڻي تون ماني کائي وٺ.'
'نہ سائين مونکي ماني ناهي کائڻي.'
'اڙي ڇريا توکي ناهي کائڻي تہ مونکي بک لڳي آهي. مان ئي کائيندس.
نيجر جي اسرار تي گلڻ ٽفين کولي وچ ۾ رکيو. گلڻ بہ بہ ٽي گرهہ کاڌا. هل ڳ
هاڻي تہ موڪل ڪري ڇڏيون. اڄ ڇنڇر آهي ويچارا ڀلي مزدور ٽين بار ٻچن
ن پيڙا. اڄ تون مون سان گڏ منهنجي گهر هل. منهنجي گهر ئي هلي شام جي
ي کائجانءَ.'
مئنيجر صاحب گلڻ کي پنهنجي گهر اچڻ جي دعوت ڏني.
'ڇڱو سائين توهان کي ڀلا ڪيئن ٿي نا چئي سگهجي. گلڻ، صاحب جي
ت رکندي چيو.'
'گلڻ تون هتي ئي رهي پئين تہ، شهر ۾ روز ٻهراڙيءَ کان اچ وڃ جو
رين پيو ٿو. تون چاهين تہ توکي هتي منهنجي بنگلي جي پاسي ۾ ئي ڪو
ڪان مسواڙ تي وٺي ڏيانو. نہ تہ منهنجي ايڏي ساري بنگلي ۾ ڪي روم
ي پيا آهن تون چاهين تہ هتي اچي بہ رهي سگهين ٿو.'
'نہ سائين توهان جي مهرباني. مان ڳوٺن ۾ ئي ڄائو آهيان ۽ ڳوٺن ۾ ئي
و آهيان. شهرن ۾ تہ منهنجو دم گهٽجڻ لڳندو آهي. ڪجهہ بہ ٿئي رات
جيسين کليءَ هوا ۾ نہ سمهندو آهيان مونکي ننڊ نہ ايندي آهي. ڳوٺن
رستن جي ڌوڙ مٽي، جهلن ترن ۾ پکين جو "ٽيون لوڻ، صبح سويل
يءَ "ائي پيرپٽون ڪندڙ پٺاريون، ڇوڙن واريون مايون، مٽي تي پٽڪا
مالوندا ماروئڙا ۽ سندن ڳائين مينهن کي پيار وچان پڪارڻ اهو ڀلا
ن کي ڪٿان آيو نصيب. شهرن ۾ تہ ڀاڄ ڊوڙ کان علاوه آهي بي ڇا؟
''اوهو گلڻ تون تہ ڪو ليکڪ يا شاعر پيو لڳين تنهنجي دل واقعي ڪيڏي
حساس آهي.'
'ڇڱو تنهنجي مرضي، جڏهن بہ مرضي ٿئيو مونکي بلا جهجهڪ چئج، ۽
جڏهن بہ گهر وڃين تہ مان تو ساڻ ضرور هلندس.'

شايد توکي خوشي نہ ٿيندي.‘

’’نہ نہ صاحب اهڙي ڪائي ڳالهہ ڪانهي.‘‘

’’گلڻ تون مونکي صاحب نہ چوندو ڪر. تو مونکي ياءَ چئي سڏيندين
مونکي خوشي ٿيندي.‘‘

’’سائين توهان تہ اسان جا صاحب ئي آهيو تہ. پوئي پڻ مان اها گستا
ڪيئن ٿو ڪري سگهان.‘‘

’ها تہ گلڻ اسان تنهنجي سچائي ايمانداري ۽ محنت ڏسي توکي ترق
ڏيڻ جو طئہ ڪيو آهي. هاڻي کان تون فيڪٽريءَ ۾ مزدور طور نہ پر سوپروائ
طور ڪم ڪندين. وٺ هي رکيو تنهنجو حڪم نامو.‘

’واهہ سائين واهہ توهان جا ججها ٿورا. جو توهان منهنجي محنت
قدر ڪيو آهي آئون توهانجو هي احسان ڪيئن چڪائي سگهندس. هن
وري احسان ڪرڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. مونکي فيڪٽريءَ جي مالڪ
ڏيڻ جي لائي چيو ۽ مون تنهنجو نالو ڏنو جيڪو منظور بہ ٿي ويو.‘

’سائين تڏهن تہ چوان ٿو تہ توهان جي ئي مهرباني آهي.‘

گلڻ هڪ ڳالهہ پڇانو؟

’پڇو نہ سائين ڪهڙي ڳالهہ آهي.‘

’’سچ سچ چئي ڏيندين؟‘‘

’’پڇو تہ صحي.‘‘

’مون توکي گهر وڃڻ جي موڪل ڏني پوئي بہ تون نہ وئين. ۽ روئڻهار
ٿي هلي نڪتين آخر ڇا ڳالهہ آهي. مون تہ توکي اِن لائي موڪل ڏني ه
تہ مونکي بہ تنهنجو علائقو گهمڻو آهي. توهان رڻ جي وچ ۾ ڪيئن پيا
مونکي ڏسڻو آهي. توهان جي دستڪاري ۽ هنر جي بہ واکاڻ آهي. تون مون
وٺي هلندين يا نہ.

’سائين آخر توهان مونکي مجبور ڪري ڇڏيو. جا ڳالهہ مون توهان
لڪائڻ ٿي چاهي اها ڳالهہ هاڻي مونکي توهان سان ڪرڻي پوندي. هي
منهنجو توهان سان گڏ هلڻ مشڪل آهي. توهان کي اِن لائي هڪ سال انت
ڪرڻو پوندو.‘

’هڪ سال جو انتظار! آخر ڇو؟‘

’’بس سائين هي تہ ائين ئي...چوندي هن سچي ڳالهہ چئي ٻڌائي. سا
توهان کي هروبرو ويٺو ئي هجي تہ مان پنهنجي دوست کي چئي
ڏيانو. هو توهان جي آگتا سواگتا ڪندو.‘‘

ڻ ۾ سنهڙيءَ وارو حادثو ٿيڻ بعد سلمان کي سندس مائٽن سويل پرڻائي
. اڄان تہ هن سورهين ورهيہ جي دهليز تي پير مڏ پاتو هو.

مان جي شاديءَ کي تقريبن هڪ سال گذري چڪو هو. هن لاءِ هن کي
ي موڪلڻ جو وقت اچي پهتو. اڄ هن جي نڪيتي هئي.

يتي هوئن تہ صرف مين جي رسم هوندي آهي. ڳوٺ جون مايون ڪپڙا
ائي گڏ ٿينديون آهن ۽ جنهن کي بہ رلهي ڪنجري، باسڻ، ٿانو نڪر،
ي ڪجھ بہ ڏيٺو هوندو آهي سي ڏئي ڪنوار کي ساهرڪي گهر چڏي
ون آهن.

مان جي اکين مان اڄ صبح کان ئي پاڻي سڪو ئي نہ پئي. ماءُ جون
ون ۽ پيءُ جو پيار هن کان ڇڏڻ نٿي آيو. ساهرڪي گهر وڃڻ جي لاءِ
پير ڀاري ٿي رهيا هئا. گهرجي هڪ هڪ ۾ هر هر شيءِ هن کي رڪجي
ي لاءِ چڻ قسم ڏيئي رهي هئي.

مان مجبور هئي. هوءَ ماءُ پيءُ ڀائرن سيني کي ڀاڪر پائي اوڇنگارون
روئڻ لڳي هئي. سندس مائٽن جو بہ اهو ئي حال هيو، هو بہ رتاپاٽيءَ
رهيا هئا، سڄي ماحول ۾ وڇوڙي جو، ودائي جو درد هيو.

ٽن کان موڪلائي ڪرڻ بعد سڪين ساهيلين جو وارو هيو. هُن جيئن ئي
کي ڏنو تہ هن کان اسارا راڙهہ نڪري ويا. سنهڙي بہ هن کي ڪنڌ مان
پائي هن جي ڪلهي تي متو رکي روئڻ شروع ڪري ڏنو هيو. هن
چوڻ چاهيو ٿي پر آنسون اجازت نہ ڏني. ڏسڪن وچان هڪ لفظ بہ هن
نہ ٿي سگهيو بئي سڪيون بس ڀاڪر پائي روئنديون ئي رهيون. هنن
لڙڪ هاريا جو سلمان جو سهاڳ جو ڪنجرو ڀجي ڀت تي پيو تہ
ءَ جو چولو بہ سڄو پُسي پيو هو.

هڙي الله جي نالي اڄ توکي مون ساڻ هلڻو پوندو. بہ ڏينهن هتي رهي
ي تون هلي اچج.''

يڻ نہ آئون اياڳڻ پلا تو ساڻ هلي ڇا ڪريان. ڪٿي تنهنجي سهاڳ
لوڻ لڳي وڃي منهنجي هلڻ سان.''

ي هڻ ڳولي زندگي آهي نہ جدائي ڪونهي.'

نهڙي سي نہ توکي هلڻو پوندو. تنهنجي چاچيءَ کان مان ئي ني
ني ڏيانءَ. پوئي ڇا آهي.'

مئنيجر وري يادگيري ڏياري.

’ها منهنجا سائين سمبه ۽ سنجوگ سُٺا هوندا ته ضرور توهان کي چوندس نه ته ميار م ڪجو. ڏسون اجا ته قسمت کهڙا تي گل کلائي.‘ گلڻ اج شام جي ماني صاحب جي گهر ئي کاڌي ۽ رات جو به هو هتي ئي ٽڪي رهيو.

ي.
آئون تہ عورت ذات آهيان. منهنجي طاقت بہ پلا ڪيتري. ڏس نہ ڏينهون
هن حالت بگڙندي پيئي ٿي وڃي.'
'ها يار دنيا ايڏي ترقي ڪئي، آهي پر پنهنجي سماج کي تہ ان جي ذرا
هوا ناهي لڳي. هاڻي تہ ڪوئي ڪنهن جي ٻڌي ڪونہ ٿو. هرڪو پيو
نجي توتي وڄائي.'
'سڀ ڪو پيو پنهنجي من ماني ڪري، ڪنهن جو، پلو نٿو ڪرڻ چاهي،
ي هڪ ٻئي جي ڦتائڻ ۾ لڳا پيا آهن.'
'ها ادي اڳ ڪهڙو نہ سنو وقت هيو. سيڪو ننڍن وڏڙن جو خيال پيو
دو هيو. هاڻي تہ ڇا ڇئجي وڏڙا بہ ائين ئي پيا ٿا جهڙو تهڙو ٻاقين.'
'ها پيڻ آهي تہ ائين ئي ڪنهن کي ڇئي ٻڌايون.'
سلمان گهڙيال ۾ ڏس نہ ڪيترا وڳا آهن؟
وقت ٻڌي تون ڇا ڪندين؟
سلمان مان جنهن ڪم لائي آئي آهيان سو تہ ڪرڻو پوندو نہ. مان هتي
ن گڏ اچڻ جي بهاني ګلڻ کي خط لکڻ آئي آهيان. هاڻي تون وڃي
نجي ڪمري ۾ سمهي پئو. مان هن ڪمري ڏيئو ٻاري ګلڻ کي خط لکان
تنهنجو من گهريو گهوٽ تنهنجي وات نهاريندو هوندو.'
و ٻئي اٿي پنهنجي پنهنجي ڪمري ۾ هليون وئيون.
لمان ۽ سندس گهوٽ کوڙ ساريون ڳالهيون ڪيون پيار محبت ۾ هڪ ٻئي
هورا گهوران تي رهيا هئا. ڳالهين ڳالهين ۾ سنهڻيءَ جو بہ ذڪر نڪتو.
سنهڻيءَ جي ڏوٻري ۽ تڪل تي وڃڻ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو. سلمان
سنهڻي جي من جي ڪئفيت جي باري ۾ تفصيل سان ڇئي ٻڌايوس.
ڪ طرف پيار محبت جون ڳالهيون ٿي رهيون هيون تہ ٻي طرف سنهڻي
سوز ۾ سيڪجي، سڙي رهي هئي. پين ۽ پنو هن جي هٿ ۾ هئا هن کي
طرح جا ويچار اچي رهيا هئا. هوئن تہ هوءَ سدائين سوچن ۾ ئي غرق
ي هئي پر اڄ خاص هئي. گهڙيءَ ۾ پنهنجي آئيندي جي باري ۾
رهي هئي تہ گهڙي ۾ خط ۾ ڇا لکجي، اهو سوچي رهي هئي.
ڪاش مان تارا ٽم ٽم نظرن سان دريءَ مان لياڪا پائي رهيا هئا. چڻ
چا لکي رهي آهي ڇا ڪري آهي تنهن جو پهرو ڀري رهيا هئا. ٿڌڙي
ءَ هوا جا جهونڪا هڪ دريءَ مان داخل ٿي ٻيءَ مان ٻاهر نڪري ٿي

سلمان ڳوڙها اگهندي چيو.

'چاچيءَ کان تون اجازت وٺين ته پلي. باقي آئون ته منهنجي منهن
هڪ اکر به نه ڪڇنديس. مان هنن ساڻ هاڻي تمام گهٽ ڳالهائيندي آه
ڪم سار ئي ڳالهائيندي آهيان نه ته مٺي مانُ-مونکي زبان کولڻ جو م
تو وٽ ئي موقعو ملندو هيو. تو وٽ پنهنجا درد ونڊيندي هئس هاڻي تو
وڃين ٿي. منهنجو هٿ ڪير ڏٺي ٿيندو مان ڪيئن جيئندس. هن زند
جي رڻ ۾ ته اڪيلي ٿي ويس.' چوندي هوءَ وري اڇي روئڻ ۾ چٽڪي.

'نه سهڻي نه مولا سڀ سٺائي ڪندو. هي تون ڇا پيئي چئين. هم
حوصلو رک.' چوندي سلمان سنهڻيءَ جي چاچيءَ کان اجازت وٺڻ جي
هلي ويئي.

چاچيءَ پهرين ته اجازت ڏيڻ جي بلڪل نابري واري ڇڏي. پر سلمان
جهجهي اسرار ڪرڻ تي هوءَ آخر راضي ٿي.

'سنهڻي، منهنجي هي رڻ جهڙي زندگي ڪيئن ڪري پسار ٿيندي
نه هتي کهڙي نه سڄ لڳي پيئي آهي. ٻه ڏينهن تون رهندينءَ ته ڪجه
لڳندو. تون هلي ويندينءَ ته مونکي ته هيءَ سڄ ۽ اڪيلائي کائي ويندي

هو ٻئي رات جو اوٺي تي آٿر وڇائي ويٺيون هيون. ۽ سک ڏک
رهيون هيون.

'سلمان توکي ته سٺو ور گهر مليو آهي. تون ڇا جو پيئي فڪر ڪ
تنهنجو گهوٽ به چڱو ماڻهو آهي توکي ڪوبه ڏک نه ڏيندو. مونکي ڏ
مان ڪيئن پيئي مُصيبتن کي مُنهن ڏيان. ڳالڻ جي يادن جو سرمايو
آهي مون وٽ، انهي جي سهاري جي رهي آهيان.'

'سنهڻي تون ڏاڍي ڏوبري ٿي ويئي آهين. ڏس نه هي هڏا پيا تا
ڪائيندي پيئندي به آهين يا ائين ئي پيئي هلين.'

'يار ڪائي پي هاڻي ڇا ڪيان ڪنهن جي لائي کاوان، پيان. بس ها
موت جو انتظار آهي.'

'نه سنهڻي نه اهڙا بول ڇو پيئي بولين. قدرت سڀ ڪجهه نيڪ ڪ
تون هيئن گهبرائجي ڇو وئي آهين.'

'سلمان پنهنجي سماج روپي سونڊي ۾ جيڪو پراڻي ريتين ۽ رسمن
نانگ وينو آهي. انهي ڪاريهر نانگ جي ڏنگ کان بچڻ مشڪل آهي
هڪ پيرو جنهن کي به ڏنگي ويندو انهي جو دنيا ۾ جيئڻ مشڪل ٿي

ي هنن لڙڪن تان جن مون سان وفاداري ڪئي.
ملڻ خط لکڻ جو موقعو نه ڪتي ٿو ملي جو توکي ڪجهه لکي پنهنجا بار
ڪا ڪريان. هر پل هر وقت چاچي ۽ چاچيءَ جون باز نظرون مون تي
رائينديون رهنديون آهن. هو ٻئي ڪنهن بکايل ڳجهه جيان مون ڏانهن
ت ٻري نگاهن سان نهاريندا رهندا آهن.
نکي سلمان کي خدا عمر دراز عطا فرمائي جنهن جي گهران هي خط لکي
آهيان گلڻ منهنجي چنتا نه ڪج. تون پنهنجي زندگيءَ کي ٿي سگهي
ڪو نئون موڙ ڏيئي ڇڏ. منهنجي جيئڻ جي اميد متان رکين. مان هاڻي
يءَ جا ڏينهن ڳڻي رهي آهيان. ۽ ڳڻيل ڏينهن آخر ڪيترا ڏينهن رهندا.
هر ڳري ويا اٿم. هاڻي مان ڪنهن ميڻ بتيءَ جيان آهيان جا روز ڳرندي
ن ٿي وڃان. هاڻي مان هوريان هوريان موت جي دائمي منزل طرف روان
آهيان.
ڪڏهن ڪڏهن زهر کائي خودڪشي ڪرڻ جو به سوچيندي آهيان، پر جڏهن
ذرم جو خيال ايندو اٿم ته خودڪشي ڪرڻ حرام آهي. ته وري ائين
ڪان رکجي ويندي آهيان.
ون تنهنجي طبيعت جو خيال رکج. منهنجي مئي پڄاڻا ٿي سگهي ته
جي قبر تي پيار جا گل چاڙهج.
نهنجو هتي ملڻ پلي ناممڪن آهي پر انشاءِ الله هن جهان ۾ ٻئي پيڙا
سبن اتي پلا دنيا وارن جي ڪهڙي طاقت هوندي جو پنهنجي ملن کي
ي سگهندي، بس بيو ڇا لکانو. ناراض نه ٿج هاڻي اجازت ٿي وٺان، معاف

-تنهنجي سڪايل
سنهڻي

هڻيءَ چنيءَ کي لفافي ۾ بند ڪيو ۽ چولي جي ٻريءَ مان گلڻ جي
س وارو ڪاغذ ڪڍي لفافي مٿان لکيو. لفافو بند ڪري هن وري گلڻ
اي کي چميو.
سمهڻ جي ڪوشش ڪئي، رات تمام ٿڌري ٿڪي هئي. اسر ٿيڻ ۾
ڪجهه ئي دير هئي. هن کي ننڊ نه آئي هوءَ لٽ تي پاسا ورائيندي
هوءَ رلهي ڀُنهن تان وڃي خدا کي سامهون ڪجهه عرض الحائبندي
لوٽ جون مايون کير ولوڙڻ لڳيون. مرد ماڻهون ڪانيون ڏوهڻ ۾ مشغول

ويا. جنهن جي ڪري سنهڻي جي وارن جي جڳ ڪن ۾ هن جي چهري ت
اچي تي ڪري ۽ رئي جو پلئه به اڏڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

سنهڻي جي سامهون پيل ڏيئو هوا جي جهونڪن جو مقابلو ڪري رهيو
۽ سنهڻيءَ کي ڀرپور ساٿ ڏيئي رهيو هو.

سنهڻي بوڪ کي وهاڻي تي رکيو ۽ خط لکڻ جي شروعات ڪئي.

دل لڳان، دلربا لڳان ڪ دلنشين، سمجهه ۾ نه پيو اچي ڇا لکانو. هن اين
ئي اچان لکيو ته اکين مان هڪ لڙڪ جو قطرو اچي انهي لکيل ليٽيءَ ت
ڪريو. جنهن جي ڪري هڪ به اکر ڦٽي ويا.

ڳلڻ مون وٽ ته لڙڪن کان سواءِ ٻيو آهي به ڇا. ۽ هي لڙڪن جا ڦڙا توک
هن خط ۾ تحفي طور موڪلي رهي آهيان. مونکي قدرت پلي دنيا جي
شيءَ کان، عيش و عشرت کان محروم فرمايو آهي پر لڙڪن جهڙي ملڪي
سار مالامال فرمايو آهي. جڏهن دل جو درياهه دردن سان ڀرجي ويندو آهي
هي لڙڪ ئي منهنجا ساٿي آهن جن کي وهائي مان پنهنجي دل جا بار هل
ڪريان ٿي ۽ من کي ڪجهه شانتي ملندي آهي. هي آنسون منهنجا سا
آهن ،سنگتي آهن. هي آنسون تنهنجي يادن جو عرق آهن ۽ هي عرق مونک
موتين جيان لڳندو آهي. منهنجي اکين جي ڇنبڙين تي سدا ڪنهن تو
جيان سونهندا رهندا آهن.

هنن لڙڪن جون به عجب عادتون آهن ڪڏهن قطرو قطرو ته ڪڏهن
توڙي وهندا آهن ته وري ڪڏهن اکين کي هردم آلو رکي وينا هوندا آه
هي جڏهن منهنجي چهري تان وهندا آهن ته تنهنجي حسين هٿن
ڇهاءُ جو سندر احساس ڏياريندا آهن.

ڪڏهن ڪڏهن سوچيندي آهيان ته جي هي لڙڪن نه هجن ها ته مون
بي ڪهڙي ملڪيت هجي ها. ڪهڙي ميراث هجي ها. مان ڳوڙجي وڃ
هنن لڙڪن تان جيڪي نت لڙيون پروئيندا رهندا آهن. هي جڏهن منهن
دامن ۾ ڪرندا آهن ته هر هر قطري ۾ مونکي تنهنجو عڪس نظر اي
آهي.

هي آنسون منهنجو مقدر بڻجي چڪا آهن. هاڻي مونکي آنسون سارڻ
عادت پئجي ويئي آهي. مان ڪنهن شرابي جيئن ٿي ويئي آهيان. جيس
لڙڪن جي شراب جو نشو نه ڪندي آهيان تيسيئن چين نه ايندو ا
زندگيءَ جا سيئي سک هڪ هڪ ڪري پلئه ڦاڙائي پجي نڪتا. پر صد

ي اکين مان لڙڪ وهي نڪتا پر ھن ڪڇيو ڪي بہ ڪين.
ي بڙ اھو ئي هيو جتي ڳلڻ سان ڪڏھن ڪڏھن ڳڏجاڻيون ٿينديون
. جڏھن ڏيھہ کي ڏڪار لڳو ھو. تڏھن هنن آخرين ملاقات بہ هتي ئي تہ
هئي. جئين ئي گھوڙي گاڏي بڙ کي ڇڏي اڳتي وڌي تہ سنھڻيءَ پٺ
ءِ وري بہ هنکي ڏسندي رهي. سلمان کي لڳو تہ هاڻي هوءَ ڪجھہ
. ڏيندي. ھن وري هڪ ڀريتن ڪيو. پر ھوءَ تہ ڪا مورت بڻجي چڪي

ر اچي پھتا، سلمان سندس ٻانهن جھلي گاڏيءَ مان هيٺ لاٿو. چاچي
ان ٻاهران نڪري آئي. سيني کي ڀليڪار ڪئي. سنھڻي جي حالت ۾
ترو بہ بدلاو نہ آيو.
مان سڀ حقيقت چاچيءَ اڳيان چئي ٻڌائي.
ھڻي پنھنجي گھر ڏانھن منيون ٻڌي ڊوڙ ڪڍي ءِ دروازو بند ڪري
ڪت تي ڪري. اکيون بند ڪري مڙدي جيان پيئي هئي.
مان سندس چاچيءَ کي چيو تہ ھن کي آرام ڪرڻ ڏيوس. ڀلي ستي
آرام ڪندي تہ دماغ جائي تي ويندس.
سيئي سنھڻيءَ جي گھر مان نڪري ويا تہ ڀلي هوءَ آرام ڪري.

تي ويا. پکيءَ به چرپر ڪرڻ لڳا. دريءَ مان تورو تورو ساهو لنگهي تي آيو.

اچانڪ ڪچوڙ.....ڪري دروازو کليو. سلمان مشڪندي اندر داخل ٿي سنهڻيءَ جي چرين جهڙي حالت ڏسي هوءَ ڏڇي ويئي. هوءَ ڏڪ پائي وڃي سنهڻيءَ جي پاسي ۾ ويٺي. هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پر سنهڻيءَ ڪجهه به نه ڪڇيو. سلمان هن کي ڪافي دير تائين ڏسندي رهي.

'سنهڻي، ننڊ نه آئي ڇا. تنهنجي ههڙي حالت ڇو ٿي ويئي آهي. چري حوصلو رک همت نه هار، نصيب ۾ لکيل ڪير ٿو متائي سگهي. هل منهن ڌوئي وٺ چانهه پاڻي پيءُ.'

هيڏو سارو چوڻ جي باوجود به سنهڻيءَ ڪي به نه ڪڇيو. هوءَ ته بس اکيون ڦاڙي هن کي ڏسندي رهي. نه کلي ٿي نه رُني ٿي بس نهاريندي رهي

'اڙي ٻڌين ٿو هيڏانهن اچ، ڏس ته صحي سنهڻي کي ڪجهه ٿي پيو آهي ذرا ڊاڪٽر کي ته وٺي اچ هيءَ ته صفا چري ٿي ويئي آهي. سندس چاچي ۽ چاچيءَ کي ڪهڙو جواب ڏينداسين. اڙي منهنجو متو رليو جو زوري هن کي هيڏانهن وٺي آيس، مون ته هن جو ڏک هلڪو ڪرڻ ٿي چاهيو پر هي ته الٽو ٿيو. سنهڻي ته دماغي توازن وڃائي ويٺي آهي.'

سلمان جيئن ئي رڙيون واڪا ڪيا ته سندس گهوٽ ڊوڙي آيو پر سنهڻي جي حالت ۾ ڪو به ڦيرو نه آيو.

'سنهڻي سنهڻي... چئي سلمان هن کي ڪلهن کان جهلي ڌونڌاڙيو پر هو ته پٿر بڻجي چڪي هئي.

'سرتاج هاڻي ڇا ڪيون، هي ته اجايو ڪوتو ٿيو. هلو ته هاڻي هن کي سندس گهر ڇڏي اچجي.'

'ها ها ائين ئي ڪيون. اڙي هيءَ ته پنهنجي جان وڃائي ڇڏيندي سرتاج چيو.'

گهوڙي گاڏي گهرائي سلمان هن کي ٻانهن مان پڪڙي منجهس وهاري هو ٻئي زال مڙس هن کي ڇڏڻ جي لاءِ هن جي ڳوٺ طرف روانا ٿيا.

رستي ۾ گهڻي ئي ڳالهائڻ جي سلمان ڪوشش ڪئي پر هوءَ ناڪام رهي وات ۾ وڻ درخت هن کي ڏيکاري هن جي دماغ کي صحي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جتي هو ننڍپڻ ۾ ٻلورن راند ڪيڏيون هيون. گڏين راند ڪئي هئي پر سنهڻي ڪو به پرتيياو نه ڏنو.

اچانڪ هڪڙي قديم اهڙي ٻڙ جي درخت تي هن جي نظر ويئي. ته ور

ڪنهن جي مال ۾ ڏٽار پئي ڪندس يا وري مزدوري پيو ڪندس. گلڻ
ٻيچين ٿيندي چيو.
''ازي چريا ايڏو اتاولو نہ ٿي. خدا سڀ سٺائي ڪندو. هتي سُنو پيو ٿو
ڪمائين. هوڏانهن وڃي ڇا ڪندين.''
'بس سائين بس هاڻي گهڻو ٿيو. سياڻي کان نوڪريءَ تي ڪونہ ايندس.
فيڪٽريءَ جي مالڪ سان توهين ئي ڳالهائجو. مان ڳالهائيندس تہ هو مونکي
ڇڏيندو ڪونہ.'
آخر گلڻ ضد تي اڙيو رهيو نيٺ هو پئسا ڪٺي ڪنان کان هلي نکتوءَ وڃي
سلمان جي ساهرڪي ڳوٺ پهتو.
تلاو جي اندر بينل هڪ گهاٽي ٻبر ۾ اٺ ٻڌائين. هن تان پاڪڙا پلاڻ لاهي
ٺيٺ رکيا. اٺ ٻبر جون ڪچڙيون ٿاريون چرڻ لڳو ۽ هو ٿڌيءَ ڇانو ۾ ليٽي
پيو. ڳوٺ جون پٽيهاريون پاڻي ڀرڻ جي لاءِ آيون پئي، ٻيون وڃيون پئي.
گلڻ رکي رکي هنن ڏانهن نهاريو پئي. متان هنن ۾ سلمان بہ هجي.
اچانڪ هن کي هڪ ٺهڪ ٻڌڻ ۾ آيو. جيڪو هن کي جاتل سڃاتل لڳو هن
جو گمان سچ ثابت ٿيو. اهو سلمان جو ئي آواز هيو. هوءَ پنهنجي ڪنهن
ساهيڙيءَ سان گڏ پاڻيءَ جي لاءِ اچي رهي هئي.
''ازي هي ماڻهو تہ ڪو پرديسي پيو لڳي.'' سندس ساهيڙي سلمان کان
پڇيو.
'مان بہ اهو ئي پيئي ٿي ڏسان. ڏس نہ ڄڻ ڪنهن جي انتظار ۾ هجي
جڙو پيو ٿو لڳي.' ڏس نہ پاڻ مان اک ئي نہ پيو هٽائي ۽ ڪجهہ مسڪرائي
پيو.
هو ٻئي اتڪلون لڳائيندي اچي رهيون هيون.
''هائي الله هي تہ ادا گلڻ، ادا گلڻ پلي ڪري آئين'' چوندي هن گلڻ
کي ڪيڪاريو.
'لک لک ڀلايو ڀيڻ، چوندي گلڻ سلمان جي ڀليڪار جو جواب ڏنو.
ٻئي هڪ ٻئي کان حال احوالي ٿيا.
'ادا تون بہ ڪو چريو ماڻهو آهين جو هتي اچي ويهي رهيو آهين. تون
تو گهر ڇو نہ هليو آئين. اٿي هاڻي اٿي گهر هل، تيسين مان پاڻيءَ جو
گهڙو ڀري ٿي اچانو.'
'ها ها سلمان تنهنجي گهر تہ هلبو. مان آيو ئي ايتري لاءِ آهيان.

گلڻ پنهنجي پگهار مان ڪجھ نہ ڪجھ پئسا بچائي رکندو هيو. هن
پئسن مان هن هڪ اٺ خريدي ڪيو.

هڪ ڏينهن سندس اٺ کي مئنيجر ڏٺو تہ هن چيو.' گلڻ هحڙي تيز
رفتاريءَ جي دور ۾ تو اٺ ورتو اهي تہ مونکي نوائي ٿي لڳي. تون تہ صف
ڳوناٺن جو ڳوناٺو ئي رهيو آهين هاڻي تہ انٽرنيٽ، انڊر گرائونڊ ٽرين
هوائي جهازن جو دور آهي. اٺ کي وري ڇا ڪندين.'

''سائين تڏهن تہ چوان ٿو. پاڻ ڪيڏا نہ سست ٿي ويا آهيون. توهين
ڪڏهن هنن اٺن گهوڙن تي سواري تہ ڪري ڏسو. پوئي چئجو. ڏاڍو مز
ايندو آهي. اهڙا تہ جهوٻا ايندا آهن جو ڪاڏو خوراڪ سمورو پچي ويند
آهي. مٿان نڪو ڏونهون نڪو گوڙ ۽ نہ ئي وري آلودگيءَ جو سوال. سائي
گاڏيون اسڪوٽر خريد ڪرڻ تہ اسان جي وس ۾ ڪونهي، اٺ تہ اسين
وٺون.'

گلڻ جو اهو جواب ٻڌي مئنيجر ڪلڻ لڳو.

'صاحب، آئون تہ پنهنجي گهر بہ هن اٺ تي چڙهي ويندس. گاڏين بس
۾ ناهي چڙهڻو. گهر وڃڻ ۾ تہ اڃان دير اٿم پر جڏهن بہ ويندس تڏهن ڳالھ
هن جو من وري آنڌ مانڌ ۾ پئجي ويو. هن وري مئنيجر کي چيو تہ سائي
هاڻي مونکي هتي مزو نہ پيو اچي هاڻي مان اڪتائجي پيو آهيان هاڻي
هتان ڪان ڀڄي وڃڻ لائي دل پيئي ڪري. وري ٻئي ڪٿي روزي روٽي ج
تلاش ڪندس. هتي هڪ ئي طرح جي شهري جيون ڪان مان عاجز اچي چڪ
آهيان. هاڻي مونکي ڪٿي ڀڄي وڃڻ گهرجي نہ تہ مونکي لڳي ٿو تہ م
هتي پاڳل ٿي ويندس.'

'سائين توهان کي عرض آهي تہ منهنجا جيڪي بقايا پئسا آهن ا
مونکي ڏيئي ڏيو تہ مان هلندو ٿيانو.'

'گلڻ اهو تہ ٻڌائي تون ڪيڏانهن ويندين. ڳوٺ ۾ تہ تو تي بندش
آهي.'

سائين هاڻي مونکي منهنجي سنهڻيءَ جي ياد ۽ سڪ سمھڻ نٿي ڏئ
رات و ڏينهن هن لائي روئندو ٿو وتان. آنسون منهنجو مقدر بڻجي چ
آهن. مون سوچيو آهي تہ سنهڻي جي ساهيڙي سلمان جڏهن ڳوٺ مان پرڻ
جتي ويئي آهي مان بہ اتي وڃي رهندس.

نهڻيءَ جي باري ۾ ڪجھ سوچ، نہ تہ هوءَ.....چوندي هن جملو اڌورو ڇڏي
نو. هوءَ رنڌڻي ڏانهن هلي ويئي ۽ گلڻ لاءِ ڪپڙي ڏونروءَ لسي ڪٽي آئي.
گلڻ کي ڪجھ بہ نتي وڻيو. هن بہ ٽي ٽنا ڪاڏا. کير ڍڪ پي هن هٿ
چريا ''پيڻ مون هاڻي هتي ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو آهي.'' گلڻ چيو.
ها ادا ها هي تنهنجو ئي گهر آهي. چوندي سلمان خوشيءَ جو اظهار
يو ۽ هن جو ويڇاڻ ڇنڊي سرڪو ڪيو.
گلڻ بستري تي آڏو ليٽيو. هو هينئر ماضي حال ۽ مستقبل جي ٽواٽي تي
ڻ بينو هو. هاڻي ڪنهن وات جو ويچار ڪجي ڪهڙي وات ونجي اهو هن
ي سمجھ ۾ نہ پئي آيو.
هن کي سلمان ٻڌايو هو تہ سنهڻي سندس انتظار ڪندي ڪندي آخر هوءَ
ي تي پيئي آهي. هن کان وڇوڙو سهن نہ ٿيو. هوءَ تمام گهٽ کائيندي
ئندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ننڊ مان اوچتو جاڳندي گلڻ....گلڻ....زور
ن پڪارون ڪندي آهي.
''گلڻ مونکي چاچو ماري ٿو گلڻ مونکي بچائي گلڻ مونکي بچائي.'' چوندي
ندي هوءَ ڪڏهن ڪڏهن بي هوش ٿي ويندي آهي.
جيئن ئي تنهنجو نالو وٺندي آهي تہ سندس چاچو هن کي ٺڦڙ يا پادر
ندو آهي. جنهن جي درد جي وجھ سان هوءَ ڪٽڇاٽ ڪري ماني رهندي
ي. هن جي هڏن جي سنگهري جهڙي ڇهري سان هٿ ٽڪرائجي هن جو
ن ڏڪائجي پوندو آهي.
''نالائق اجان بہ هن نالائق جو نالو پيئي ٿي وٺين. ڪيترا ڀيرا چيو اٿم تہ
بدچلن آوارا جو نالو نہ وٺندي ڪر. هو هن کي هاڪوتا ڪري سمجھائيندو
پر هوءَ تہ پاڳل آهي هن تي ڪوبہ اثر نہ ٿيندو آهي. جيئن هو هن تي
ٿيون ڪندا آهن تئين هوءَ بي قابو ٿي ويندي آهي. جڏهن حد کان
جي ويندي آهي تہ سندس چاچي هن کي ڪمري ۾ بند ڪري ڇڏيندي آهي.
هوءَ تنهنجي ئي پڪار ڪندي رهندي آهي.''
سنهڻي......جي باري ۾ اهو حال احوال ٻڌي هو ڏاڍو مغموم ٿي پيو. هن
پيرو سنهڻيءَ کي پنهنجي اکين سان ڏسڻ جو پڪو پڇايو. هن فقير جو
ڪيو. ڏاڙهي مڇون ۽ وار وڌايا. گيڙو ڪپڙا پاتا. هٿ ۾ ڪشڪول کڻي
نهنجي ڳوٺ طرف ٻين وڄائيندو نڪري پيو.
ندا سيني هو خير ڪري، سيني جو ڪلياڻ ڪري. هن فقير جي اها ئي

'ادا اسان جي اکين تي. چوندي سلمان جلدي جلدي گهڙو پيري گهر هلڻ لڳي. گلڻ کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي ويئي. گلڻ کي گهر ۾ رکيل کٽ تي هڪ سنهڻي رلهي وڇائي ڏني.

ادا تون ـهتي ويهہ مان تو لائي چانهہ ناشتو ٿي ناهيان ''چوندي هوءَ رنڌڻي ڏانهن هلي ويئي.''

'وٽ ادا، مونکي لڳي ٿو تہ تون گهٽن ڏينهن کان لسي نہ پيتي هوندي. هيءَ پي تيسين مان اچان ٿي.' لسي ڏيندي سلمان چيو.

'سچي ڳالهہ آهي پيڻ سال گذري ويا مونکي هيءَ پنهنجي ڳوناڻي لسي نصيب نہ ٿي آهي. شهر ۾ هوئن تہ لسي ملندي هيم پر ان ۾ هڙو مزو پلا ڪٿان آيو. هو تہ مشينن سان اسٽيل جي باسڻن ۾ ڏڌ ولوڙيندا آهن.

'ٿانڊي تي مکڻ ۽ اٿو وجهي او ڦاٽيل مٽيءَ جي ماٽيءَ واري سورهي خوشبو واري لسي پلا شهري ماڻهن کي ڪٿان ٿي ملي سگهي.'

'سلمان ڪيئن، هتي مزو اچي ٿو يا نہ.'

'ادا مزو اچي يا نہ، آخر ڪيڏانهن وڃبو. لکئي هٿ جو آندو آهي.

'تون سنهڻيءَ کي نہ سارينديي آهين.'

'اڙي ادا نہ پڇ حال تہ سنهڻي جي کهڙي حالت ٿي ويئي آهي. سنهڻيءَ جو نالو گلڻ جي واتان ٻڌي هوءَ اداس ٿي ويئي.'

سلمان تون هيڏو اداس ڇو ٿئ ويئين. هوءَ نيڪ تہ آهي؟ تو هن کي ڪڏهن ڏنو آهي اڄ ڪلهہ.؟

گلڻ هاڻي خبرون پڇڻ جي لائي اتاولو ٿي رهيو هيو.

ڇا ٻڌايان ادا، سنهڻيءَ جي حالت جو بيان مون کان نہ ٿي سگهندو. منهنجي زبان ۾ اها طاقت ناهي جو مان سندس بيان ڪريان. هن جي باري ۾ ڪجهہ نہ پُڇ.

'سلمان ڇا پيئي چئين آخر ڪا ڳالهہ تہ آهي، چٽي ڪر تہ خبر پوي.'

گلڻ جي جهجهي اسرار ڪرڻ تي آخر سلمان سچي حقيقت حال ڪري ٻڌائي.

سنهڻي جي حالت جي باري ۾ ٻڌي گلڻ اداس ٿي ويو. سنهڻي پيڻ هاڻي تون ئي ٻڌائي تہ مان ڇا ڪيان.

ادا آئون ڇا ٿي چئي سگهان. توهان جو پاڻ هينئر ئي اچڻ گهرجي. هو ئي شايد ڪا چڱي صلاح ڏئي. هن کي بہ سنهڻيءَ جي ڏاڍي چنتا آهي. ادا

ساڏو سائين نيم موجب سا-ري-گ-م جا سر ڇيڙيندو رهيو.
سيئي ٻار ٻين ٻڌڻ ۾ مشغول هيا ته ڪنهن ٻار چيو ”پڇو ڇورا پڇو هوءَ
ري هيڏانهن پيئي تي اچي.“
’اڙي پڇو ڙي پڇو.‘ چوندي سيئي ٻارڙا وکري ويا. ۽ وڃي هن ڇريءَ کي
ر هٽڻ لڳا.
’نه ٻارو نه توهين هن کي حيران ڪندو ته مان توهان کي ٻين نه ٻڌائيندس.‘
’نه سائين نه هاڻي اسان واعدو ٿا ڪيون اسان کي معاف ڪيو.
فقير سيني ٻارن کي قسم کڻايو ته اسين هاڻي ڇريءَ کي حيران نه
نداسين هن ڇريءَ لائي به هاڻي آساني ٿي پيئي هئي. هوءَ به جتي ٻين
آواز ٻڌندي هئي اتي پهچي ويندي هئي. هن جي من کي به شايد
جهه شانتي ملندي هئي.
ڪڏهن ڪڏهن ته هوءَ جهومي اٿندي هئي.
هڪ ڏينهن چاچي اِهو خبر ڏنو ته هوءَ جهومي رهي آهي. هن جي من ۾
و خيال آيو ته شايد هن جي هن ٻين ذريعي ڪا دوا دارون ٿي سگهي ٿو. هو
فقير وٽ هليو آيو.
’بابا توهان کان هڪ ڳالهه پڇانو.‘
’ها ها چو نه بلڪل پڇي سگهو ٿا.‘ فقير ته هن کي اصل سڃاتو پيءَ. هن
دي مسڪرائيندي چيو.
’تون پلا هيءَ ٻين وڄائڻ ڪنهن کان سکيو آهين. جو هيءَ اهڙي ته مڌر
وڄائين جو ڇريا به هن تي پيا لڏن.‘
’ادا سنگيت قدرت جو هڪ انمول جهرڻو آهي. سنگيت جي ساڌنا ۽ رياضت
امر ساڌنا آهي. تانسين ۽ بيجوءَ جهڙا سنگيتڪار ته سچي پرڪرتيءَ کي
ومائي ڇڏيندا هئا. ڪڏهن پنهنجي سنگيت سان ڪڪن پنن کي ٻاري
ندا هئا ته ڪڏهن مينهن به وسائي ڇڏيندا هئا. قدرت کي به هي سنگيت
سائي ڇڏي ٿو ته پوئي ماڻهوءَ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. مان يقين سان
سگهان ٿو ته هن ڇريءَ کي مان ڏاجي ڪري سگهان ٿو.‘
هو ٻڌي هن جي اکين ۾ چمڪ اچي وئي. ”هين ڇا سچ پچ“ هن جي
مان اجي اکر نه چاهيندي به نڪري ويا.
’ها پيا هم اسکو بلڪل ٺيڪ ڪر سڪتا هي“ فقير وري ٻيٺي يقين سان

دعا آهي. هي فقير سڀ کان نرالو آهي. هن کي توهان کان ڪجهه به نه گهرجي. نه اٽو، نه ڪپڙو مان الڳاري ٻاوو آهيان. مان مست ملنگ آهيان مونکي توهان جو دان خيرات ڪجهه به نه کپي. مونکي توهانجا پئسا ڏوڪڙ به نه کپن. منهنجي توهان کي هڪ عرض آهي مان توهان کي بين ٻڌائڻ ٿو چاهيان.' چوندي هو ڳوٺ جي چونڪ ۾ بين وڄائڻ جي لاءِ ويهي رهي ٿو.

هن جي بين جو آواز ٻڌي ٻار ٻڍا سڀ اچي ڪٺا ٿيا سيني خوب واهه واهه ڪئي. گهڻن ٻارڙن ته هن جي لاءِ پئسا به آندا پر فقير کين واپس ڪندي چيو خدا توهان کي جهجها ڏئي، پئسا مونکي نه کپن بس دعا ڪجو ته منهنجون من مرادون پوريون ٿين.

'بابا توهان کي پئسا ڇو نٿا کپن.' هڪ ننڍڙي ڇوڪري چيو.

'نه ٻچا نه مونکي ڪجهه به نه کپي. تون سچيءَ دل سان دعا ڪج ته بس.

'بابا اڄ ڪلهه ته ڪلياڻ پئسن سان ئي ته ٿيندو آهي. اهي ته توهين ونو نٿا پوئي ڪيئن ٿيندو ڪلياڻ.' ٻئي ڇوڪري چيو.

''نه پٽ نه اها تنهنجي ڀل آهي. ڪلياڻ صرف پئسن سان نه ٿيندو آهي. پئسن سان جيون جي سک لاءِ هر شيءِ خريد ڪري سگهجي ٿي پر من جي شانتي پئسن سان نه ملندي آهي. جيترو پئسو جهجهو اوتريون ڪاهيون به وڌاري هونديون. تڏهن ئي ته ماڻهون پريشان آهن.'' فقير سيني کي سٺي ڳالهه چئي ٻڌائي.

'بابا هاڻي توهان روز ايندو نه اسان جي ڳوٺ ۾.'

'ها پٽ مان توهان جهڙن ننڍڙن ننڍڙن گلڙن جهڙن ٻارڙن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيندو آهيان، هاڻي مان روز پيو ايندس توهان وٽ.

مون نشچو ڪيو آهي ته هاڻي مان زندگي ڀر ٻارڙن کي وندرائڻ لاءِ بين وڄائيندس.' بس پوئي ته هن جو معمول ٿي ويو. هو روز ايندو هو. سڄو ڳوٺ گهمي پنهنجي بين جا مڌر درد ڀريا سُر پيو ڇيڙيندو هو.

ڳوٺ جو هر ماڻهو هن جي بين جو عاشق هو.

هن طئه ڪيو ته هر روز ڪنهن نه ڪنهن جي گهر جي ٻاڇي ۾ ويهي هو بين وڄائيندو.

هن ٻارن کان پڇيو ته ڇا هنن کي اها ڳالهه منظور آهي.

'ها فقير سائين اسان سيني کي اهو منظور آهي'اڄ کان ساڄي چڪر تي هن ڪم جي شروعات ڪري ڇڏيو.'

فقير ڏنو تہ تير وچي برابر نشاني تي لڳو آهي. هن هڪ ڏکو شوڪارو
ڪنيو '' ڇو منهنجي سنهڻي من منهڻي مونکي نٽي سچاڻي ڇا؟ اڃان تہ
منهنجي سزا جي پوري ٿيڻ ۾ ڇهہ مهنا باقي پيا آهن.
سنهڻي هاڻي سچاڻي ويئي تہ هي ٻيو ڪو نہ، پر گلڻ ئي آهي. هن جي
دل چاهيو پئي تہ هينئر ئي فقير سائين کي ڀاڪر ۾ ڀري چپ چپن تي رکي
دنيا کان بي خبر ٿي وڃي. پر ائين ڪرڻ مناسب نہ هو. هن صبر ڪيو. هن
ڇئني طرف ڏنو پوئي ڪجهہ ڇوڻ جي شروعات ڪئي.
'فقير سائين اڄ منهنجي اکڙين ديد جي عيد ڪئي آهي. منهنجو سڄو
جنم سڦلو ٿي ويو آهي. منهنجي دل جا سمورا ارمان پورا ٿي ويا آهن. مان
صرف انهي ارمان ۾ زندهہ رهيس تہ هڪ ڀيرو تنهنجو ديدار ڏسي مران تہ
من کي شانتي ملي. هاڻي پاڻ جو ميلاپ ٿئي يا نہ ٿئي مونکي عمر ڀرجي
آٿت ملي ويئي آهي.... ، چاچا وريام کي ايندو ڏسي هوءَ ڳالهہ اتي ئي
ڪٽي هلي نڪتي.
سنهڻي جي سڌ هاڻي وري آئي هئي. سيئي ڏاڍا خوش ٿيا. مٽي جون
اميدون ٻڌيون سڀ ڪجهہ معمول جيان هلي رهيو هيو.
اڄ اماوس جي انڌياري رات هئي. ڪاٻي هٿ کي ساڄو نظر نہ پئي آيو.
ساري سرشٽي خاموش هئي. ڪٿي ڪنهن شيءِ جي ڪا چرڦر نہ هئي. هوا جا
جهونڪا رکي رکي لڳي رهيا هئا. آڙون انهن جهونڪن ۾ مست، تنواري
هيون هيون. دور دور جهنگ ۾ ڪو گدڙ اونائي ڏيئي رهيو هيو.
فقير سائين ڪيل واعدي مطابق بين وڄائڻ شروع ڪئي. هي تہ روز ٿيو
ايندو هيو، سو اڄ رات جو آيو تہ بہ ماڻهن کي ڪا حيرت نہ لڳي.
سنهڻيءَ جي ڪنن تي جيئن ئي بين جو آواز پيو هن پنهنجا ذر ڏيوريون
ڪپڙا لٽا هڪڙي هڙ ۾ ٻڌا ۽ گهر کان چور پيرين پڇي نڪتي. بين کي
ڪنائيندي ڪنائيندي وڃي ڪيل هنڌ تي پهچي ويئي.
جيئن ئي هوءَ هتي پهتي گلڻ هن کي هميشهہ جيان ڀاڪر ۾ ڀري ورتو ۽
ان جي چپن تي هڪ سڪ سوز ڀري چمي ڏيئي ڇڏي. ڪافي دير تائين ٻئي
ان نشي واريءَ حالت ۾ رهيا.
''سنهڻي منهنجي بين وڄائڻ جي رياضت حقيقت ۾ اڄ سڦل ٿي آهي.
مونکي انهي محنت جو ڦلو مليو آهي. هل هاڻي هل جلدي ڪر. پنهنجي
يار جو ڪو دشمن وري پهچي نہ اچي. منهنجو اٺ تيار آهي. هل هي ملڪ

’تہ پوئي بابا مھرباني ڪيو توھان منھنجي گھر ھلو ۽ ٻين جا ڪي لحرا ٻڌايو. منھنجي ڀائٽيءَ جو بہ دماغي توازن نيڪ ناھي. شايد ھوءَ بہ نيڪ ٿي وڃي.‘

’ھا ڀائي ھا مان ھيءَ ٻين وڃائيندو ئي ايتري لائي آھيان. من ڪنھن کي فائدو ٿئي مونکي ثواب ملي. ھلو اڄ کان ئي شروع ٿا ڪري ڇڏيون. ڇوڪري تہ اھا ئي آھي نہ جيڪا گھڙي پل اڳ ھتي ٻيني ھئي.

ھا سائين اھا ئي ڇوڪري آھي.‘

’ھا پر توھان کي ھڪ شرط منظور رکڻي پوندي. مان جڏھن ٻين وڃايان تہ توھان مون وٽ نہ وھجو. ڇو تہ توھان جي ويھڻ سان ھيءَ ڇوڪري مون سان ھلي ملي نہ سگھندي. ھن کي ڏاھي ڪرڻ جي لاءِ پھرين ھن جي من مان دٻ ڊاءَ ڪيڍڻا پوندا. جيئن جيئن ھن جي من مان دٻ نڪرندا ويندا تيئن تيئن ھوءَ نيڪ ٿيندي ويندي.‘

فقير چاچا وريام کي آٿت ڏيندي چيو.

’اڙي ھيءَ ڇوڪري تہ بلڪل ڏاھي ڏمٽي ٿي لڳي. اڳي کان تہ چري ڪونھ ٿي لڳي شايد ھن جي من کي ڏڪو يا آگھات رسيو آھي. تڏھن چري ٿي پيئي آھي.‘

’’ھا فقير سائين ائين ئي آھي. بلڪل نيڪ نمري ھئي.‘‘ ھاڻي چاچا وريام کي وشواس اچڻ لڳو ھو.

’ھن کي چاڪ چڱي ڀلي ڪري ڏينديس تہ جيڪو گھرنديس سي مان ڏيندوسانءَ توھان جا لک لک ٿورا مون تي ٿيندا. ‘

’ھن ۾ ڪائي پريشانيءَ جي ڳالھہ ڪانھي.‘

ھاڻي روز فقير سائين ھتي صبح جو سويل کان ئي پھچي ايندو ھو. ھن تہ چاھيو ئي ائين پئي. سڄو ڏينھن ھتي ويھي ٻين جا سُر پيو ڇڙيندو ھو. ھوءَ ڇوڪري بہ ھاڻي ٻين ٻڌڻ جي عادي ٿي چڪي ھئي. فقير جي ٻين ھن جي دماغ تي ڏاڍو اثر ڪيو. ھاڻي ھوءَ اڇي فقير وٽ وھڻ لڳي ھئي. ھن ننڊ ۾ وقلڻ ۽ بڪ ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنو ھو.

ھڪ ڏينھن فقير جي ڇيڇ ۾ پاتل منڊيءَ تي ھن جي نظر پيئي تہ ھن جي مغز جا تمام پردا کلي ويا. ھوءَ ھن منڊيءَ کي گھوري گھوري ڏيان سان ڏسڻ لڳي. گھڙيءَ ۾ ھن فقير کي پيءُ ننھن کان ڇوٽيءَ تائين جاچيو تہ گھڙيءَ ۾ ھوءَ منڊيءَ کي تڪي رھي ھئي.

ڇڏي پاڻ ماروي جي مُلڪ ٿر ڏي پڇي ٿا هلون. هلي هتي پنهنجي پيار جو آشيانو اڏينداسون.

سنهڻيءَ ڪجهه به نه پئي ڳالهايو. اکين مان نڪرندڙ آنسون ئي هن جي دل جي دردن کي ٻڌائي رهيا هئا. گلڻ وري هن کي چيلهه مان پڪڙي ياڪر پاتي. ٻئي جتي اٺ بيٺل هو اوڏانهن هلي نڪتا.

اٺ کي هشاءِ ويهاري ٻئي هن تي سوار ٿي ويا ۽ اٺ اتر طرف سرپٽ ڊوڙڻ لڳو.

برابر رڻ جي وچ پهتا جتي واري جون ڀٽون ۽ دڙا هيا. پرهه ڦٽڻ جو ٽائو هيو. گلڻ اٺ کي روڪيو ۽ ڪيس ويهاريو. هاڻي ٻنهي کي شانتي ٿي ۽ دل جائي ٿي ته هاڻي ڪو ڊپ ڪونهي ڪو. وري ٻنهي فرط محبت ۾ هڪ ٻئي کي ياکر پاتي. رڻ جي سڄي ڌرتي ۾ جڻ محبت جو ڪو جهرٽو وهي رهيو هيو. رڻ کي پيار ۽ محبت جي مستيءَ جو اڄ احساس ۽ انداز ٿي رهيو سيو. رڻ ۾ اڳل لاٿا ڪين حيرت ڀري نظرن سان نهاري رهيا هئا.

”سنهڻي تون هڪ فقير ڀيڙي پڇي آئي آهين؟“

گلڻ تون هڪ ڇريءَ کي ڪٽي پڇي آيو آهين.“

ٻنهي هڪ ٻئي جي سوال جو جواب هڪ زوردار ٽهڪ سان ڏنو. ٻئي زور سان کلي رهيا هئا. ۽ ٽهڪ ڏيئي رهيا هئا. هاڻي پورب ڏس کان روشنيءَ جو جنم ٿي رهيو هيو.


’سنهڻي هڪ ڳالهه پڇانو؟‘

پڇو،

’تون سچ پچ ڇري ٿي ويئي هئين يا اهو ڪو مڪر هيو.‘

گلڻ اهو منهنجو مڪر هيو جڏهن مون ٻڌو ته منهنجو چاچو مونکي ٻئي سان پرڻائڻ جي ست ستي رهيو آهي تڏهن مونکي ائين ڪرڻو پيو. جيئن ته هو مونکي ڇري سمجهي مون سان شادي ڪرڻ جي ها نه ڪري ۽ منهنجو اهو مڪر سو فيصد ڪامياب ويو.“ چوندي سنهڻي وري پنهنجو متو گلڻ جي هنج ۾ رکي ڇڏيو ۽ گلڻ پنهنجا چپ هن جي متن سان چمنائي ڇڏيا. ٻئي پيار جي خمار ۾ مدهوش ٿي دنيا کان بي خبر ٿي رهيا هئا.

سج جي سنهري ڪرڻن جي روشني رڻ کي هڪ عجيب رنگ ۽ نظارو بخشي رهي هئي جنهن نظاري ۾ سنهڻي ۽ گلڻ روپ پيار وارو چٽ به هڪ انوکو ۽ منفرد انداز ڪڙو ڪري رهيو هيو. جيڪو رڻ جو پيار وارو رنگ هيو.



ٻني، جتي هرشخص سنڌيءَ ۾ ڳالهائي ٿو، سوچي ٿو. ٻني جتي شاهه صاحب هر رات جو جاڳي سنڌيت جي محفل مچائي ٿو. ٻني تعليم جي لحاظ کان پٺتيل هن علائقي جو هڪ تعليم يافته شخص اديب جي روپ ۾ اُسري غير سنڌي زمين تان سنڌي ناول ۾ اسان کي سنڌين جو درشن ڪرائي ٿو. هڪ صديءَ جي سنڌي ناولن جي سمورن انگن کي پاسيرو ڪري سنڌيءَ جو پهريون ناول پيش ڪري ٿو.

ڪڇ جي پهرئين سنڌي ليکڪ معرفت سنڌيءَ ۾ پهرئين آنچلڪ ناول جي هن ڏينهن جي مان ڇا صرف آجيان ڪريان، ٿڪ ڪامنائون اِظهاريان، ڪِ سنڌي ناول ڪيتر سان وڌ ڪرڻ سبب سندس شڪرانا مڃان؟ سنڌ وڃائڻ جي پنجونجاهين سالگرهه تي.

جينت ريلواڻي

پندرهين آگسٽ ٢٠٠٢